# History of Sindhi Literatu

# سنڌ جي ادبي تاريخ

(برٽش حڪومت کان اڳ)


مصنف:

مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق



*Publishers:*

**R.H Ahmed & Bros.**

PUBLISHERS & BOOKSELLERS
TILAKINCLINE
HYDERABAD SIND

# سنڌ جي ادبي تاريخ

برٽش حڪومت کان اڳ

ڀاڱو ٻيو

مصنف:

مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ

بي. اي، ايس. ٽي. سي. ڊي

سابق پرنسپال ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد

ٻيو ڇاپو] ١٩٧٦ع [تعداد ..

قيمت: 00_12

ڇپائيندڙ:

آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس

پبلشرس بڪسيلرس اينڊ اسٽيشنرس

تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ

# مهاڳ

گھڻن سالن کان اها آرزو هيم ته پنهنجي ساهت جي سموري تاريخ لکي گذريل زماني جي بزرگن جي ادبي ڪوشش کي ظاهر ڪريان، پر نه انهن ڏانهن ڪتابن جو ذخيرو موجود هو ۽ نه انهن عالمن جي جيوت جي سماچار هئي، سو اهڙي ڪم کي هٿ ڏيڻ پنهنجي وس ۽ وت کان ٻاهر ٿي سمجهيم. انهن ڏهن پهچائيندي ڏينهن گذري ويا. نيٺ ڪجهه ترمي جي آسري ۽ ڪجهه ڀانتيءَ جي ڀروسي تي منهنجن ارادن کي پختگي ملي ۽ والد مرحوم جا ڪي جهونا ڪتاب مطالع ڪندي رهنمائي حاصل ٿيم ۽ گشت ڪندي اڻ لڀ تصنيفون هٿ آيم، جن جي پڙهڻ سان مصنفن جون سوانحون خود سندن ڳوٺن ۽ عصرن مان وچي ڪنيون ڪيم. ننگر ٺٽي مان ميان محمد عمر ولد مرحوم آخوند برادريءَ وٽان ناياب تصنيفون ۽ مصنفن جا احوال مفصل طرح مليا. ٻلڙي جهوڪ پيٽ تان بزرگن جي رهڻي ڪهڻي جو سچو فوٽو ڏٺم. تنهن کان سواءِ هن منهنجي تصنيف جا خاص اتئي نورنگ زاده صاحب ڪورواهي آهن جن جي مشورت منهنجي ڪم کي مفيد هٿي ڏني. احوالن هٿ ڪندي ۽ ڪتابن گڏ ڪندي پورا ٤ سال لڳي ويا. ١٩٣٧ع جي ڇ ڏاري باقاعده ڪتاب جي ترتيب ۽ چنڊڇاڻ جو ڪم شروع ڪيم. احوالن جي چنڊ ڇاڻ، ڪتابن جو

اختصار ڪرڻ ۽ پورين جاين تي وڌي وڃڻ منهنجي
اڪيلي محنت کان ٻاهر هو، تنهنڪري ميان محمد صديق
صاحب مسافر انهيءَ ڪم ۾ منهنجو ٻانهن ٻيلي ٿيو ۽
مون سان گڏ ڪتاب کي هٿوڪي صورت ۾ آڻڻ ۾ همراهي
ڪئي اٿس، جنهن لاءِ آئون هن صاحب جو تهدل شڪر
گذار آهيان. منهنجي هيءَ ڪوشش مان اهو انومان نه
ڪرڻ گهرجي ته برٽش حڪومت کان اڳ سموري سنڌي
تصنيف هن ڪتاب ۾ سمائجي ويئي آهي، ڇاڪاڻ ته
مون کي خاطري آهي ته ڪيتريون سنڌي تصنيفون ليٿو
۾ ڇپيل خواه دستخط صورت ۾ سنڌ ۾ موجود آهن، جي
مون کي دستياب نه ٿيون آهن. تنهنڪري ڪوبه سنڌي
ادب سان چاهه رکندڙ مون کي انهن تصنيفن جو ڏس پتو
ڏيندو ته انهن کي ڏوري لهڻ منهنجو ڪم آهي، ۽ جلد
۳ ۽ ۴ ۾ انهيءَ معلومات کي مناسب جاءِ تي داخل
ڪندس. اهي صاحب جيڪي منهنجي معلومات وڌائيندا
۽ منهنجين غلطين کي سڌاريندا تن جو آئون شڪرگذار
رهندس ۽ اهڙو اقرار ٻئي جلدن ۾ خوشيءَ سان ڪندس.

محمد صديق ميمڻ

# فهرست


| نمبر | مضمون | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ١ | علم ادب يا تاهت ڇا کي چئجي | ٧ |
| ٢ | سنڌ جو علم ادب | ٨ |
| ٣ | سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت | ١٠ |
| ٤ | سنڌي صورت خطي | ١٧ |
| ٥ | سنڌ جو جهونو ۽ نج شعر | ٣٥ |
| ٦ | سنڌ جو علمي عروج | ٣٧ |
| ٧ | قاضي قاضن | ٤٢ |
| ٨ | شاهه عبدالڪريم | ٤٨ |
| ٩ | ميان ابوالحسن | ٥٩ |
| ١٠ | مخدوم ضياءالدين | ٦٧ |
| ١١ | مخدوم محمد هاشم | ٧١ |
| ١٢ | مولوي عبدالخالق | ٨٤ |
| ١٣ | مخدوم عبدالله | ٨٧ |
| ١٤ | شاهه عبداللطيف ڀٽائي | ١٠٢ |
| ١٥ | مخدوم عبدالرؤف ڀٽي | ١٥٤ |
| ١٦ | مخدوم محمد ابراهيم | ١٥٨ |
| ١٧ | مولوي محمد حسن | ١٥٩ |

| نمبر | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| ۱۸ | مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي | ۱۶۰ |
| ۱۹ | سچل فقير | ۱۶۹ |
| ۲۰ | سيد ثابت علي شاهہ | ۱۷۷ |
| ۲۱ | آخوند عزيز الله | ۱۸۴ |
| ۲۲ | خليفہ حاجي عبدالله | ۱۸۸ |
| ۲۳ | ميان محمد سرفراز | ۱۹۵ |
| ۲۴ | فقير محمد صديق (صادق) | ۱۹۸ |
| ۲۵ | فتح فقير | ۲۰۰ |
| ۲۶ | سيد ميان خير شاهہ | ۲۰۳ |
| ۲۷ | سامي ۽ سندس عملوڪ | ۲۰۶ |
| ۲۸ | روحل فقير | ۲۲۲ |
| ۲۹ | دلپت | ۲۲۳ |
| ۳۰ | شاهہ عنايت صوفي، عثماني احساني، شاهہ عنايت رضوي ۽ خواجہ محمد زمان | ۲۲۷ |
| ۳۱ | متفرقہ | ۲۲۸ |

# سنڌ جي ادبي تاريخ

## علم ادب يا ساهتيه ڇا کي چئجي

ڪنهن به ملڪ جي ٻوليءَ ۾ گذريل زماني يا هلندڙ زماني جي علم وارن ماڻهن جا جيڪي خيال نظم ۽ نثر ۾ لکيل ڪتاب هجن، تن لکيتن کي گڏجي ان ٻوليءَ جو ”علم ادب“ يا لٽريچر يا ساهتيه. دنيا ۾ اهڙي ڪا به قوم ڪانهي، جنهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ”علم ادب“ يا لٽريچر نه هجي. سڌريل قومن جو علم ادب سڌريل ۽ گهڻو ٿئي ٿو ۽ اڻ سڌريل قومن جو علم ادب وري ان قوم جي حالت سارو ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ پنهنجي ديس جي گذريل حالتن بابت نظم يا نثر ۾ ڪجهه به موجود نه هجي، ته اها قوم گهور اونده ۾ ٿڙواڙيون ڏيندي نظر اچي. دنيا جي ڪهڙي به اڻ سڌريل قوم جا لکي پڙهي به نه ڄاڻندي هجي، تنهن وٽ پنهنجن وڏن جي بهادريءَ جا داستان، غم ۽ خوشيءَ کي همٿائڻ وارا ڪلام لکيل صورت ۾ نه ته به زباني روايتن طور نظم يا نثر ۾ ضرور موجود هوندا. گذريل زماني جو علم ادب يا ساهتيه هلندڙ زماني وارن ماڻهن لاءِ، هلندڙ زماني جو علم ادب ايندڙ زماني وارن ماڻهن لاءِ نهايت سچي رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿو.

عربي سنڌي آئيوينا ھن طرح اچي بيٺي.

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جھ ڃ ڇ چ ح خ د ڌ ڏ ڊ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي.

سنه ١٨٥٤ع کان وٺي سنڌي نظم ۽ نثر جا ڪتاب انهي آئيوينا ۾ لکجڻ لڳا. مگر سنڌي لفظن جي نحوي ملاوٽن ۽ صورتن بابت ڪوبه فيصلو ڪونه ڏنيو هو، تنهنڪري جيتوڻيڪ آئيوينا نئين ڪم ۾ اچڻ لڳي پر لفظن جي گڏيل آوازن ۽ نحوي ملاوٽن لکڻ لاءِ سيڪو پنهنجي سر اختيار هو. خود تعليم کاتي جي اوائلي ڪتابن ۾ جدا جدا نمونن سان لفظن جون ملاوٽون لکڻ ۾ اينديون هيون. مثلاً:-

[١] ڪيڏانهن ڪي ڪيڏهه. ڪيڏهن، ڪيڏانهه پيا لکندا هئا.

[٢] جنهن کي جنهه جنهن پيا اکندا هئا.

[٣] اسين کي اس.

[٤] مون کي من.

[٥] ڇگيون کي ڇگي وغيره وغيره.

جڏهن سن ١٨٨٨ع ۾ جيڪب صاحب سنڌ جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿي آيو، تڏهن ان صاحب جهڙو سڪول جي تعليم کي سڌاريو ۽ وڌايو، تهڙو عربي سنڌي صورتخطي کي سڌاريائين. هن صاحب وڏا نقشا تيار ڪرايا، جن ۾ جيڪي جيڪي سنڌي لفظ جدا جدا صورتن ۾ لکڻ ۾ ڪم ايندا هئا، سي سڀ داخل ڪرائي انهن جون پڪيون صورتون مقرر ڪيائين جي اڄ تائين سنڌي نثر يا نظم جي ڪتابن ۾ ڪم پيون

۾ سنگ نه ڏيندا آهن ۽ جيڪو سنگ گهري سو ترا ڏين
هيٺ اچي. علاوالدين تپي ويو پوءِ ته اچي لڳي جنگ.

”ننگر سمل پاڻ ۾ چڙهي ڏني چوٽ
پڇي چٽ ڇيهون ڪري گهڻا ماريائون گهوٽ
ٻنهنا پر ۽ اوت ننگر ماريو ماڳ ۾.“

ننگر جي لاش محلات ۾ کڻي آيا جتي سندس مڱ
”ڪويل“ مائي سوئي سان حق بخشيو.

آئي ڏارو ڪوڙيو ڏاري ڏنور لڏن
ٻڙي ڏاڏي پوڙيون ”ننگر سات ڪڄڻ.

علاءُالدين پنهنجو سردار نادر نالي دودي ڏانهن ڏياري
موڪليو ته يا اطاعت ڪج يا جنگ جي چٽي پر دودي
جي وزير ”خيدر“ هالاڻي چيو ته جنگ ڪرڻ کان سواءِ
ٻيو علاج ڪونهي.

”حيدر هالاڻي چوي ته اڳ نه پڇيئي پٺ
پيڙا وڏي پاءُ جي گهر ويئي ٿي مٺ
چليءُ چليءُ آئي جيئن راڻي ري ۾ رڻ
اسان علاءُالدين پاڻ ۾ ڏيندو تراوين تٺ.“

دودي جو يار ”هامو“ سوڍو عمر ڪوٽ مان ست
ويهون سوڍن جون مدد لاءِ وٺي آيو ۽ ڏاڍي مڙسيءَ
سان ”نادر“ سان وڙهيو ۽ ٻئي ميدان ۾ مارجي ويا.
دودي ڪي نيٺ پنهنجي سر جنگ ڪرڻي پيئي ۽ پنهنجون
ابڙيون هڪ پيرمرد سومري ”ٻاڳ“ نالي هٿان ”ابڙي“
ڏانهن ڏياري موڪلائين.

”ابڙاڻي جا ابڙا توکي دودي ڏنا سلام
وڙهان ويرن سامهون جي تون سڙن جهلين سام.“

"ابڙي جواب ڏنو ته سر وڃي پر سام نه ڇڏيندس."
تنهن تي سڀئي سومريون ڏولين ۾ چڙهي ابڙي جي سام پيون.

"سان ڏنم سومري جا، آئي منهنجي سام
آءُ پڻ ڏيندس لام، تنهن ني کي جهد مون."

دودي کي چوائي موڪليائين ته سڙس تي وڙهڻ متان سنڌ کي لڄي ڪرين.

دودي پڙ گهڙايو پنج سو جريئن
کهاڙيا کوڏاريا کاهي خوب کڻُ
وڃيو ائين چون اڳيون علاوالدين کي
جنگ اهڙي جهڙي اڳ ۾ سنڌ ۾ ڪڏهن ڪانه ٿي.
واڇوڙي جاڻ وڃڙي گيوڙ گوڙ ڪيا.
ڏه لک ڏهن اڳرا ماري خلق وڏا
سوره سپ ٿيا ويري سپ وڇوڙي ويا.

دودي جي گجگوڙ شينهن جهڙي هئي ۽ جنگ جو ميدان ٻي لرزيو پر آخر مهان جو لشڪر سنڌين تي غالب پئجي ويو ۽ دودو مارجي ويو. علاوالدين چنيسر کان باگهي جي پانهن گهري ۽ چنيسر ويو روباره شهر ۾. ڏسي ته شهر ۾ وناس گهمي ويو آهي. محلات اجڙ پيو آهي راڻيون نهڻ ني ڪين. نيٺ خبر پيئي ته سومرن پنهنجون لڄيون ڪيڏي ابڙي ڏانهن موڪليون آهن. علاوالدين ابڙي ڏانهن لکيو ته سومريون اسان جي حوالي ڪر نه توکي ماڻيلي ۽ ملتان جا پرڳڻا ڏيان. تنهن تي ابڙي ناڪار ڪئي.

"ماڻيلو" ملتان نه نيپائسو پانيان
توکي ڏيندي سومري آئون تو لڄ مران

جي جيڏي آئون سران نہ ڪرلچايان پانهنجو
”راڻي راءَ نہ ڏي وڃي ڇنو سلطان کي
سمون سر متي جهلي بيٺو جهڳڙو.“

ابڙي پنهنجو پٽ ”سمٽ“ نالي جنگ جي ميدان ۾ ڏياري موڪليو. سمٽ ڇهڙو هو سهڻو جوان اهڙو هو جنگي جوڌو. اهڙي جوش سان وڙهيو جو رت جون نديون وهي هليون.

تون پڻ ترڪ ترار هوڏانهن مانجهي سمٽ پٽ اهڙي
جئن ڳاهجي ڳاهہ ۾ ڪاني ڪڻڪون ڏار
وجي آرون پار خوني خنجر ان جو

علاوالدين ڏاڍو اچي ششدر ٿيو ۽ ڇيائين تہ آهي ڪو جوان جو وڃي سمٽ سان مقابلو ڪري؟ پنهنجي ترار دربار ۾ رکيائين تہ جيڪو هي ترار کڻي سمٽ سان مقابلو ڪندو سو مانجهي مڙس آهي.

”نيرهن ڏينهن ترار پيئي وهي پڙ ۾،
ڏانهين سڀ هليا اچي ڪونہ دربار
پوءِ سيد سالار ڇمي کڻي چاه مون.“

سيد ”سالار“ ترار کڻي ميدان ۾ آيو ۽ ابڙي جي پاڻي سبڙ جي سامهون ٿيو.

”سنڌين مانجهيءَ وار چلي آيا چوڪان ۾
ڏيئي سنهن ماٺهن کي ڪيائون مارو مار
سبڙ ۽ سالار پورت ڪئي پاڻ ۾.“

ڏاڍي سخت جنگ لڳي. نيٺ بادشاهہ ۽ ابڙو پنهنجي سر ميدان ۾ آيا.

"سچ نہ ڪري سوجھرو ڏان ڏاڍو ڏوڪار
انسي ابڙو انين وڙھي جڻ پاڻي پوڙي تار."

"اڙ جهلي ابڙي نـو ويهون ڏهہ لک،
گھوڙي ڪنڌ ورايو ماري گھڻي خلق،
پوءِ ٿي ابڙي کي پڪ هاڻي جهڻ ناه ڪو."

قصو نيٺ اتي ختم ٿئي ٿو تہ سومرن جي صاحبي پوري ٿي.

سنڌ ۾ اهڙا قصا ڪهاڻيون گھڻيون آهن، جن سمن سومرن واري زباني شعر کي قائم رکيو آهي.

## سنڌ جو جهونو ۽ نج شعر

زباني سنڌي شعر پيو بہ گھڻوئي آهي، پر جيئن تہ ڪا ثابتي ڪانہ ٿي ملي تہ اهو ڪنهن جيو ۽ ڪڏهن ٺهيو تنهن صورت ۾ انهيءَ جي وڌيڪ پچار ڪرڻ سان ديس جي علم ادب کي ڪو لاڀ ڪونہ ملندو. تحفتہ الڪرام وارو ڪن سنڌين جا نالا ڏئي ٿو جي سنڌي شعر ۾ طبع آزمائي ڪندا هئا، پر جيڪي ڏوهيڙا يا بيت چيا اٿن سي سيسر ٿي نہ سگھيا آهن. شيخ حماد، اسحاق، آهنگر ۽ درويش راڄو سمن جي حڪومت ۾ (١٣٥١ کان ١٥٢١ تائين) سنڌيءَ ۾ بيت چوندا هئا، ماموئيءَ جا بيت، پيشين گوئي جي صورت ۾ چيل آهن سي بہ انهيءَ زماني جا ليکجن ٿا. انهن مان ڪي ڪي بيت اجا تائين ماڻهن جي وات ۾ آهن. مثلاً.

هاڪ وهندو هاڪڙو پيهندي بنڌ اروڙ
بهہ مڇي ۽ لوڙهہ سمي ويندي سوڪڙي.

سمن جي زماني ۾ اها علمي لاٽ، عشق جا آلاپ ۽

## نثر تاريخ

(١) آئين اڪبري ابوالفضل سيوهائيءَ جو (٢) تاريخ طاهري ميرابوالقاسم ٺٽي واري جي (٣) تاريخ معصومي سيد معصوم شاه بکر واري جي (٤) تحفته‌الڪرام علي شير ٺٽي واري جو (٥) تذڪره الاوليا قاضي محمود ٺٽي واري جو (٦) چنيسر ناموابوالقاسم ٺٽي واري جو (٧) روضت‌السلاطين شاه تڪدري ٺٽي واري جو (٨) فتح نامون سيد عظيم‌الدين ٺٽي جو.

## انشاي مضمون نويسي

(١) انشاي عيشي محمود خان ٺٽي واري جو (٢) انشاي ابوالفضل سيوهائيءَ جو (٣) انشاي فيضي شيخ فيضي سيوهائيءَ جو (٤) انشاي قابل خان مخدوم ابو الفتح شاه بندر واري جو (٥) انشاي محمد شريف شاه بندر واري جو.

## تفسير قرآن شريف

(١) حاشيه تفسير بيضاوي مولوي مصلح‌الدين لاڙيءَ جو. (٢) تفسير شيخ رحمت‌الله در پيلي واري جو.

## حديث

(١) شرح مشڪوات مخدوم عبدالعزيز ڪاهان جي گوٺ جو (٢) حواشي متين قاضي محمود ٺٽي جو (٣) شرح اربعين مخدوم رڪن‌الدين ٺٽي جو.

(١) ديوان اشرف محمد قاضن جي پوٽي سيوهائيءَ جو (٢) ديوان جو يا عبدالروف لاڙيءَ جو (٣) ديوان حسيني عبدالسبحان ٺٽيءَ جو (٤) ديوان

بيت ۾ ڪولي ظاهر ڪيو اٿس.

سانر ڏيئي لت اوچي نيچي پوڙني
هيڪائي هيڪ ٿيو ويئي سڀ جهت.

(ويئي سڀ جهت - طرفن جو نالوئي نه رهيو)

معنيٰ:- وحدانيت جي دريا ۾ خودي ۽ خيال سڀ لڙهي ويا، هيٺ مٿي ۽ سيئي پاسا غرق ٿي هڪ ٿي ويا. هڪ بيت ۾ هن درويش اهو ڪمال ڪيو آهي جو چڱڪ ڪوزي ۾ دريا بند ڪيو اٿس. اهڙي ساڳئي مضمون کي شاه صاحب مختلف بيتن ۾ سر سهڻيءَ ۾ ظاهر ڪيو آهي. جيئن ته:

"سهسين سانرا پوڙيون منڊ پوڙيو مهراڻ
وه وڃائيو پاڻ هٿي ڪنڊ ڪپڻ سين."

هتي شاه صاحب سهڻي جي قصي ڏانهن اشارو ڪري پوءِ سمجهائي ڏني آهي، پر قاضي به ڪمال ڪيو آهي جو قدرت جي مشاهدي مان مثال وٺي مفهوم کي صاف ڪيو آهي. ائين نه آهي ته قاضي صاحب، سنڌ جي چالو قصن کان واقف نه هو جو ماڻهن کي انهن ڏانهن مائل ڪري نصيحت جا نڪتا پر اثر ڪري. جتي ضروري ٿي سمجهيائين ته انهي قصي ڏانهن به اشارو ڪيائين ٿي جيئن ته:-

"سڄڻ منجهه هئام سون انهي ويا اوٺيا
هوڏانهن هوڏانهن هٽڙا هيڙي جاڙ وڏام."

اوٺيا لفظ سسئي واري قصي ڏانهن اشارو ٿو ڪري "اوٺي" ۽ "اٺ" سسئي جي قصي جو راز آهن. انهن لفظن جي بي ڪابه ظاهر معنيٰ ڪانهي. انهيءَ قصي

جي راز کي قاضي قاضن جهڙي درويش جو ڳجهي جا ڳايو، جنهن کي شاه عبداللطيف ۾ هڻ جي فقيري گروه ۾ ون ويس ۾ ڀرائي ڀيڪدار ڪيو. پٽ جا سائين ٿا فرمائين ته:

”پڙ ٿا پلائين اوني گهڻو ابهرا
هوءَ هلڻ سنديون ڳاهرن ڳالهائين
سون کي ٿا ماريڻ سجڻ سانباهي ڪيو“

قاضي صاحب جا ڪيترا لفظ ۾ سڻون پٽ جي سائينءَ ڦيرائي، ٻيهرا فريز يا تبديل ڪيون آهن: قاضي صاحب چوي ٿو ته:

”باالله ري ٻريان ڪٿ نه ڏسجي ڪي ٻيو“
ائين پٽ سائين ماري ۾ چون ٿا:-
”باالله ري ٻرين سڀ اونداهي پايان.“

## شاهه عبدالڪريم

شاهه عبدالڪريم سٽياڙ ... جي شهر ۾ تاريخ ٢٠ شعبان سنه ٩٤٤ هجري (مطابق ١٥٣٦ع) ۾ تولد ٿيو هو. اڏان پنهنجي وڏي ڀاءُ سيد هاشم (عرف جوار) سان گڏ لڏي اچي ڳوٺ بلڙي تعلقه گونيءَ ۾ رهاڪو ٿيو، جتي هينئر سندس درگاهه آهي.

شاهه عبدالڪريم پنهنجي وڏي ڀاءُ سيد جلال شاهه جي سنيال هيٺ رشندو هو. جنهن جي بزرگي ۾ خدا رسيدگي بابت تاريخ تحفته‌الڪرام فارسي جلد ٢ ۾ گهڻو

هيءَ مثالن مان ڏيکاريندس ته ڪٿي ڪٿي مثنوي شريف جي ٻن مصرعن واري مضمون کي سيد صاحب هو بهو پنهنجي سليس ۽ سهڻي سنڌي جي ٻن مصرعن ۾ سمائيندو ويو آهي. ڪٿي ٿورڙو ڪو تفاوت رکيو اٿس. ڪٿي ڪٿي ته جو مضمون مثنوي شريف جي ٽن چئن لاڳيتن بيتن ۾ سمايل آهي، سو سارو مضمون سيد صاحب نهايت عمدي نزاعت سان فقط ٻن مصرعن ۾ جڙي ڇڏيو آهي، ايهو جي اها مراد نه آهي ته سيد صاحب مثنوي شريف جو ترجمو يا نقل ڪيو آهي، پر مطلب هيءَ آهي، ته ڪيس مثنوي شريف سان ايتري دلچسپي هئي ۽ ان جو مضمون ايتري قدر ذهن نشين هون، جو جيڪو سندس ٺاهيل سنڌي شعر زبان مان پئي نڪتو آهي، تنهنجو مضمون مثنوي شريف جي مضمون سان ٺهڪندو ڦهڪندو آيو آهي.

(١) مثنوي شريف جي دفتر چوٿين حڪايت ڇهين ۾ چيل آهي:

خار را چشم دل گر بر ڪني
چشم جان را حق بخشد روشني

يعني:- جيڪڏهين دل جي اکين مان ڪنڊا ڪڍي ڇڏيندين ته ڏني تعاليٰ تنهنجي روح جي اکين کي روشني بخشيندو." انهيءَ ساڳي مضمون کي سيد صاحب هن طرح سنڌي لباس پهرايو آهي.

پاڻيءَ جان نه ڪجن، روئي ڌوئي اکيون
جر ڪجر جن وچ ۾، سي ڪيئن پرين پسن؟

(رسالو ڪريمي بيت ٨١)

(۲) دفتر چوٿون حڪايت ڇهين.

خشڪ باشي برلب چو خشڪ لب
ميدوي سوئي سراب اندر طلب

يعني:- اي اڃايل درياءَ جي ڪناري تي اڃايل رهين ۽ رڃ جي پٺيان پاڻي جو ڳولائو ٿيو ڊوڙندو ٿو وتين."
ساڳيو مضمون سيد صاحب هن طرح ٿو پنهنجي رسالي ۾ چوي:

پاڻي اٿي جهوپڙا موريک اڃ مرن
دانهون ڪن سڄڻ جان دم ۾ نه سڃاڻن.

(رسالہ ڪريمي بيت ٥٦)

(۳) دفتر پهريون حڪايت ٽين:-

جان نا محرم نہ بيند روءِ دوست
جزهما جان ڪہ اصل اوزار ڪوءِ دوست

يعني:- جنهن روح جي پاڙ حقيقي دوست جي گهٽي ۾ ڪٿل آهي، تنهن روح ڌاران کو غير محرم روح حقيقي دوست جو ديدار ماڻي نہ سگهندو."
سيد صاحب ساڳي مضمون کي هن طرح ٿو ادا ڪري:

پنڌ نہ سلامي تِهان وهيءَ ويڙانہ جي
هاٿي تن کي، ناهي ماڳ ماهيار ۾.

(رسالہ ڪريمي بيت ٥٧)

(۴) دفتر ٽيون حڪايت ڏهين:-

آن طرف ڪہ عشق مي افزود درد
بو حنيفہ، شافعي درسي نڪرد

يعني:- امام ابو حنيفہ ۽ امام شافعي (عليہ الرحمۃ) جي ... يعني شرعي قاعدن ۽ قانون جا استاد هئا، ان

انهيءَ طرف ڪوبہ سبق نہ ڏنو آهي، جنهن طرف حقيقي عشق دل جي ڍرد ڪي وڌائيندو آهي."

سيد صاحب پنهنجن مجلسي تقريرن ۾ جيڪي قاضي قاضن رح جا ٽي بيت لاڳيتا چيا (۱) ڪنز قدوري ڪافيہ ڪہ ڪونہ پڙهيوم......ب (۲) ڪنز قدوري ڪافيہ جي پڙهي پروڙين سي ....... (۳) لوڪان نحو صرف....تن

ٽيهين بيتن ۾ اهو ساڳيو مضمون سمايل آهي، جو مثنوي شريف جي مٿئين بيت ۾ آهي. (رسالہ ڪريمي) بيت ۱۴۴، ۱۴۵، ۱۴۶.

(۵) دفتر پيو حڪايت چوٿين.

واز جهان فڪر تـي اي ڪم زخر
ايمان و غافل چو سنگي بـي خبر
باش تا روزي ڪـہ آن فڪر خيال
بر ڪشايد بـي حجابي پـر وبـال

يعني:- تون فڪر ۾ ڏيان جي دنيا کان پٽر وانگر بي خبر، ويسلو ۽ بي اونو آهين:- تون تہ گذهہ کان بہ گهٽ آهين! ڪو وقت فڪر ۽ ڏيان ۾ گذاري ڏس تہ اهو فڪر ڏيان ڪيئن تو اندر جا پردا کولي.

(۶) دفتر پنجون حڪايت چوٿين.

واز جهان فڪر تـي اي ڪم زخر
ايمان و غـافل چـو سنگي بي خبر
باش تا روزي ڪ آن فڪر خيال
بـر ڪشايد بـي حجابي پر و بال

يعني:- تون فڪر ۾ ڏيان جي دنيا کان پٽر وانگر بي خبر، ويشلو ۽ بي اونو آهين:- تون تہ گذهہ کان بہ

ڪهڻ آهين! ڪو وقت نڪر ۽ ڏيان ۾ گذاري ڏس
ته اهو فڪر ڏيان ڪرڻ ٿو اندر جا پردا کولي.

(٦) دفتر پنجون حڪايت پنجين:

فڪر را اي جان بجاء خويش دان
زانکه شخص از فڪر دارد قدر هان!
فڪر غم گر راهه شادي مي ڪند
ڪا ساز يهاء شادي مي ڪند

يعني:- "فڪر ۽ ويچار کي اي پيارا پنهنجي ماه جيان سمجهه، چاڪاڻ جو انسان فڪر جي ڪري ئي بيشڪ آب مان حاصل ڪري ٿو. فڪر ، ويچار جيتوڻيڪ ظاهري خوشيءَ کي مات ڪريو ڇڏي، ته به حقيقي خوشيءَ جون پورايون ڪري ٿو.

جو مضمون مثنوي شريف جي مٿين چئن بيتن ۾ سمايل آهي، سو سوزو مضمون سيد صاحب سليس ۽ سلوڻي سنڌيءَ جي نقط هڪڙي بيت ۾ سمائي ڇڏيو آهي:-

فڪر ڪر پرڪي ورونڪائي لاهه (وڪائي لاءِ)
سائي ساري هت ڪر، سڄڻ جا سهاءِ

(رساله ڪريمي بيت ٣٦)

(٧) دفتر ڇهون، حڪايت نائين:-

بهر ديده روشنان يزدان فرد
شش جهت را مظهر آيات ڪرد
تا بهر حيران نامي بنگرند
از رياض حسن رباني چرند
بهر آن فرمود با آن شاه او
"حيث وليتم فثم و جهه"

يعني:- "اندر جي سوجهري وارن لاءِ خدا تعالي

ڇهن ئي طرفن کي پنهنجين نشانين جو جلوه گاه بڻايو آهي، انهيءَ لاءِ ته هر هڪ وڌندڙ ويجهندڙ پسون ڏي ويچار جي نظر سان ڏسن ۽ خدا تعاليٰ جي لاثاني حسن جي باغن مان راحت حاصل ڪن. انهيءَ سبب ڪري خدا تعاليٰ حضرت نبي سڳوري صلعم جن کي قرآن شريف ۾ فرمايو آهي ته "اوهين جنهن طرف منهن ڦيرينڌو، تنهن طرف خدا تعاليٰ موجود آهي."

مثنوي شريف جي مٿين ڏنهي بيتن جي مراد سيد صاحب هڪڙيءَ بيت ۾ سمائي ڇڏي:-

سوئي هيڏانهن سوئي هوڏانهن سوئي من ومي
سوئـي سندي سوجهري سوئـي سو پسي.

(رسالو ڪريمي بيت ٣٥)

(٨) دفتر ٻيو حڪايت ٽين:-

تو مڪاني اصل تو در لا مڪان
اين دڪان بر بند و بکشان آن دڪان

يعني:- "تو ۾ دوست جو آستان آهي، تنهنجو اصل وطن روحاني جهان آهي: دل جا دروازا هن دنيا جي طرف کان بند ڪر ۽ روحاني دنيا ڏانهن کول."

مٿين بيت جو مضمون سيد صاحب هن طرح پيش ڪيو آهي:-

جي ليلڪ لوڪ جا جان جان ۾ي نه لتاءِ
تان تان ٿئي نه ماءِ - پسڻ پورو پريڻ جو.

(رسالو ڪريمي بيت ٢٧)

(٩) دفتر ٻيو حڪايت چوٿين:-

از خودي بگذر کـه تايابي خدا
فاني حق شو کـه تايابي بقا

چون زخود رستي همه برهان شدي
چونکہ گفتی بنده ام سلطان شدي

يعني:- "پاڻ ڦٽو ڪر تہ خدا توکي حاصل ٿئي:- حق ۾ فنا ٿيءُ تہ بقا حاصل ٿئي ٿي. جڏهن پاڻ ڦٽو ڪندين، تڏهن ساروئي سوجهرو بنجي ويندين. جڏهن پاڻ کي ٻانهو بنائيندين، تڏهن بادشاهہ بنجي پوندين.

سيد صاحب مختصر ۽ سليس سنڌي ۾ ساڳيو خيال هن طرح ٿو سمجهائي:-

ڀڃرين ڀاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءَ لهہ
تهان ڌار نہ سپرين، منهن سنجهائي پاءِ.

(رسالہ ڪريمي بيت ۲)

(۱) دفتر پنجون حڪايت پنجين:-

اين دهانش نکتہ گويان با جليس
وان دگر با حق بگفتار و انيس
گوش ظاهر ضبط اين افسانہ کن
گوش باطن جاذب اسرار "کن"
چشم ظاهر ضابط حليہ بشر
چشم دل حيران "مازاغ البصر"
دست ظاهر مي کند داد و ستد
دست باطن بروز فرد صمد
پاءِ ظاهر در صف مسجد صواف
پاءِ باطن فوق گردون در طواف

يعني:- سچي عاشق جو ظاهري وات هم نشين سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ لڳل رهي ٿو، ۽ سندس دل جو وات خدا تعاليٰ سان ڳالهائيندڙ ۽ وندرندڙ رهي ٿو. تون بہ

۾ طرز نج هندستاني آهي. قديم زماني کان وٺي هندستان جا شاعر تاريخي، مذهبي خواه روحاني مضمون وارو شعر هڪڙي خاص طرز تي چوندا آيا، جنهن طرز کي "دوها" يا "دوهرا" چوندا آهن. دوها يا دوهرا جي معني آهي ٻن ٽن سٽن وارو نظم.

## شاه عبدالڪريم جي ڪلام جو پوين شاعرن تي اثر

"اچاڻ جون ابوجهون سڄاڻ سنيون ڪن،
ڏيلا ڀٽ ڀلن جي رڙهي راهه ڀون."

(مقدمه الصلوات صفحه ٥٧)

سيد عبدالڪريم (عليه الرحمته) کان پوءِ ويجهي ۾ ويجهو جيڪو شاعر سنڌ ۾ پيدا ٿيو، جو سنڌ جي شاعرن جو سرتاج ۽ نج سنڌي راڳ جو باني ڪار ليکجي ٿو، سو سيد عبداللطيف ڀٽائي (عليه الرحمته) سيد عبدالڪريم جي ڪلام ۽ ان جي مثال تي شاه ڀٽائي جي ڪلام جي پيڙه پڌل آهي ۽ شاه ڀٽائي کان پوءِ جي جن شاعرن علم موسيقي جي اصول تي شعر ٺاهيا آهن، تن شاه ڀٽائي جي ڪلام جي طرز اختيار ڪئي آهي ۽ ان طرز ۾ مٺون سٺون ڪيون اٿن. تنهن ڪري سنڌ جي شاعريءَ تي سيد عبدالڪريم عليه الرحمته جي ڪلام جو اثر غالب ليکبو.

رسالي ڪريمي جي ڇهرٺين بيت ۽ شاهه صاحب جي مٿئين بيت جو مضمون هوبهو ساڳيو آهي فقط لفظ ٻيا ٻيا آهن.

مهه اچو جهليج آٿ جڏهن ۾ رڌ جڏهن لاڙيج
جڏهن رکيو پاڻي نه وڙهي انهن پٽ جهليج
پر پنهنجون عورا تن کي اهڙن ۾ اڏائيج
سر نائين ٿورڙو ساري سمجهائيج
ٽي ڀيرا تسبيح کي ڳجهوڻي ڳڻيج
پنجون پنهنجون پيرن جون نظر نهاريج
تانپي ڳريا تن جا ريڙهي پڻي لائيج
اي پڻ آهي اڳري سنت سا چائيج
پر صحيح قول ڪتاب ۾ هن پر پروڙيج
جڏهن لاٿن ڳريا پاڻ ۾ ڪراهت سمجهيج
سي پڻي حال رڪوع ۾ موران ۾ جوڙيج
جڏهن آڳرين جو فاصلو پڻهي وچ رکيج
قيام ۽ سجدي ۾ پڻ ايءَ ٽي پر پاريج
ڇهون اکيون پڌريون ستن قدم ڪريج
پر قد مان سجود ڏانهن سٿين پني سنيج
جيڪي ذڪر جتهين سو تتهين پچائيج
هڪڙي جو هند پني نيني ۾ رسائيج

اهو نظم جو نمونو مولوي صاحب سڄي ڪتاب ۾ فقط پڻ تن هنڌن ڪم آندو آهي.

## مثال ٻيون (نماز جي ضرورت بابت)

١- هاڻي سڻ سچاڻ تون هنئين جڻ ڪئن
نه صحي پڇيو سيکو ڪارڻ پاڻ ڪمن
٢- پر ٻيچ پهرين قيام ڏينهن وحدت ڏنيان پوءِ
ٿيندي صحي صلوات جي شڪ ميانج ڪوءِ
٣- تانت ترمي تنهنجا شرط سيڻي سڪ
ڪنان ڇيري ڇيٽين پاڻ پر اهوڻ رک

ابوالحسن پنهنجي سنڌي ۾ گھڻي قدر اهو دوهري
جو نمونو ڪم آندو آهي.

## مثال ٻيون (بيمار جي بدني صفائي بابت)

١- مڙس محرم مڙس ٿئي جوءِ محرم جوءِ
توني ماءُ پيءُ سڀي ٽوڙي گوليس هوءِ
هاڻي هنيان پوءِ سڪ صورت نهه لهرائڻ جي
٢- پير جيئي جي چيت ڪنان نهن کي لاهي
ڏاڙهي پير جي جت اتي نيئي پڄائي
شــــرح ۾ مشڪواه جي ائين فرمائي
مبارڪ متبرڪ کهي صورت ايءَ آهي
هاڻي هنئين لائي پڙهه موئي مسائل غسل جا

نظم جو اهو نمونو مولوي صاحب مقدمہ الصلوات
پنهنجڻ جهڻ هنڌن ڪم آندو آهي.

قافيہ به نسبت مولوي صاحب ڪتي گهڻ
خبرداري ڪم آندي آهي ۽ ڏاڍا باقاعدي ۽ مهٺا قافيہ
ڪتب آندا اٿس. مثال:

## وضوءَ جون صنعتون

سر اوباري آب سين ڪجن مکہ ڪنن
اهي هريون آگريون ڦيري ڪتڏ ڏجن
سنئون سار وضوءَ جون دل سين دعائون
نہ مولو مرهي مون ڏني خالق خطائون
دعائون وضوءَ جون مڙئي معني سان
اتي سڀ ڪنهن آگرين پڙهہ پروڙي پاڻ
ڪن ڪن هنڌن مولوي صاحب تمام اڻ مهائينه

"تحقيق جڏهن هي تمام ٿيو نسخو سنڌيءَ واءِ
تڏهن ڪنزالعبرت سنڌي رکيم تنهن جو ناءُ
تنهن مهل هئا اڪاره سو ۽ پنجهتر ورهيه گذريا
ڪنا هجرت حضرت رسول جي جو نورالانبيا
پڻ تنهين تاريخ ما هئي سنڌي ماه رمضانا.
۽ ڏينهن هو سومار جو وقت نماز ضحيٰ."
تحفته الڪرام وارو لکي ٿو ته جڏهن ابوالحسن
بلڪل پير مرد هو ۽ نماز نه پاڙهي سگهندو هو تڏهن
مخدوم عبدالله لاسراڻي جوان هو، يعني تخمينا سندس
عمر ۱۵ ورهين جي هوندي. ٿي مان وڏن پير مردن
عالمن مان به معلوم ٿيو آهي ته ميان ابوالحسن وڏي
عمر ۾ يعني ۹۰ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. انهي حساب
مان مخدوم عبدالله پنهنجي ڪتاب ڪنزالعبرت ميان ابوالحسن
جي وفات کان ڏهه ورهيه پوءِ ۱۱۷۵ هه ۾ لکيو جڏهن
سندس عمر ۲۵ ورهيه هوندي. جنهن صورت ۾ ابوالحسن
جي تاريخ نڪي تحفته الڪرام وارو ڏئي ٿو ۽ نڪي سندس
تصنيف مان ملي ٿي تنهن صورت ۾ سندس پاڻيجي مخدوم
عبدالله جي تصنيف جي آڌار تي ۱۰۷۵ هجريءَ ۾ شمار
ڪئي ويئي آهي.

## مخدوم ضياءالدين ۱۰۹۱ هجري برابر ۱۶۷۱ع

عاجز هان عاصيءَ ڪيئي رکين دوزخ کان
مرهين سونکي مون ڏني فضل سين ڪرما
(سنڌي ضياءالدين ۱۵٦ صفحه)
سهروردي طريقي جو مشهور اڳوڻو بزرگ شيخ

ڪري مخدوم ضياءُالدين پنهنجو علحدو ڪتاب تيار ڪيو، جنهن کي نالو ڏنائين "مخدوم ضياءُالدين جي منڍي."

مخدوم صاحب ڪتاب جي منڍ ۾ فرمائي ٿو:-

"مسائل جي دين جا سي گهڻا ۽ گهاٽا،
سيئي ڪتابن ۾ عالمن لکيا ۽ چيا،
تنهن منجهان ڪيترا سون منڍي ۾ لکيا،
ته منڍي سکهي سيکوماڻ پڙهي سڀ منجهان."

( ٢ )

ڪتاب جي پڇاڙي ۾:-

"مون ٿورا لکيا، پيا پڇيو ياد ڪن،
الاهي آسان ڪرين متي سوسن،
عاجز هڻ غريب کي دعا ياد ڪن."

جڏهن مولوي ابوالحسن جي منڍيءَ ۾ شامل ٿيل ڪتاب "جو علميءَ" ۾ چيل آهي:-

"عاقل بالغ جي ڏيا ڪلمو جي ڪنهن،
حڪم سڀ حڪيم جا ثابت متي تن،
ساڏيون ڇهه ويهون فرض جون ساري سڀ سڪن."

تڏهن مخدوم صاحب به پنهنجي منڍيءَ ۾ فرمائي ٿو:-

"جڏهن عنايت اسلام تو ڏيو پليءَ پت،
مڪ احڪام اسلام جا وٺ موچاري مت"

ساڏيون ڇهه ويهون فرض جون ساري تون سڪيج،
بيان تن جو علاحدو آخر ۾ پڙهيج.

(٣) مضمون:

مخدوم ضياءُالدين صاحب به پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙوئي ڏوهيڙن جو سلسلو ڪم آندو آهي، جهڙو ان

وقت جي ٻين عالمن پنهنجن پنهنجن مذهبي ۽ اخلاقي ڪتابن وارن نظمن ۾ ڪتب آندو آهي: يعني ڪي چئن پنجن يا وڌيڪ مصرعن وارا آهن. مثال طور ٻه ڏوهيڙا هيٺ ڏجن ٿا:-

( ١ )

”ٻهريون فرض جو ٿئي بعد بلاغت،
اي ڪلمو آهي نبي اٿي جو صاحب آهي شفاعت“

( ٢ )

”جي مڙيو هوءِ ڪنهن ماڳ ۾ پاڻي پاڪيزو،
جي هوءِ سو ڏهه ڏهن ۾ سوڌو عذيرو،
اونهائي تنهن پاڻيءَ جي نري پريو،
وضو غسل ان ۾ توڪي رهيندو،
پر جي پوءِ پايتي ان ۾ جنهن تنهن ساءُ مٽيو،
جان بوءِ ڪيائين بچڙي ڪ سائو تنهن ونگو،
ته وضو غسل ان مان عاقل ڪونه ڪندو.“

(٣) سنڌي:

مخدوم صاحب جي ڪتاب ۾ ڪي ٽڪرا نظم جا پيش ڪري انهن جو نثر لکجي ٿو، جنهن مان چڱي طرح معلوم ٿيندو ته مخدوم صاحب جن ڪهڙي نموني جي سنڌي ڪم آندي آهي.

## ٻارن جي تعليم و تربيت جي شروعات

١- فرض آهي ماءُ پي تي سعي سوڌي پيت،
ته سوڪلي مڪتب ۾ صغير وڏيءَ ست،
ته تابع ٿئي طبيعت جو مومن وڏيءَ ست،
راتو ڏينهن پالڪ ڪري نماز پرت،

٢- ڏهن ورهن جو جي ٿئي، ته ان ماري،
نئڊي ڪــــي نماز لاءِ چابڪ چڪاري.
٣- جـــي غافل ٿئي نماز ۾ ڪڏهن اسارو،
ته هنج هڪلج ان کي مٿان او ٿئي اسارو،
پڇي ذات نماز جـــي سوڌو سنوارو،
سڪج سنيهج سانجهرو رات ۽ ڏينهاڙو،
ڪهه ڪلمو نبي اتي ته ٿئين مسلم موچارو.

## سنڌي [نثر]

## مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

## ١١٠٤-١١٧٥ هجري مطابق ١٦٩٠-١٧٦١ع

ماءُ پيءُ تي سوڌيءَ پٽ سعي فرض آهي ته صغير (ڪي وڏيءَ مت (واري) مڪتب ۾ موڪلي، انهيءَ لاءِ ته (هر تابع (۽) طبيعت جو وڏيءَ مت وارو سوس ٿئي (۽ اهو) ٻالڪو رات ڏينهن نماز سڻ پرت ڪري ٢- (مائٽ کي گهرجي ته ٻار) جي ڏهن ورهين جو ٿئي، ته ان کي (نماز نه پڙهڻ جي صورت ۾) مر ماري (مار ڏئي (۽) نئڊي ڪي چابڪ چڪائي. ٣- جي [ٻار] ڪڏهن نماز [پڙهڻ] ۾ غافل ۽ اسارو ٿئي، ته ان کي هنج ۽ هڪلج مٿان اوسارو ٿئي، [انهيءَ لاءِ] ته سوڌو سوارو نماز جي ذات کي پڇي رات ۽ سانجهرو سنيهج ۽ سکج حضرت نبي [صلعم] جن تي ڪلمو ڪهه ته، موچارو مسلم ٿين.

سب ساراهون رب کي جو خاوند خلقهار
سباجهو سيئين پـرٿين ڏڏن جـو ڏاتـار
مخدوم محمد هاشم عليه الرحمته جا وڏا حارث خاندار

## (٣) زادالفقير

**مضمون :-**

ڪتاب ”زادالفقير“ (درويش جو ثمر) مخدوم محمد هاشم جو سنڌي نظم ۾ ناهيل ڪتاب آهي، جنهن ۾ نقط روزن رکڻ بابت شرعي سمجهاڻيون ڏنل آهن. جڏهن ته روزو درويش جي باب ۾ صبر ۽ توفيق جو سچو پچو ثمر آهي تنهن ڪري ڪتاب جو نالو ئي مخدوم صاحب جن رکيو آهي زادالفقير هي ڪتاب مخدوم صاحب جن فرائض الاسلام تصنيف ڪرڻ کان پوءِ سال پوءِ مهني رمضان سنه ١١٢٥ هجري ۾ تيار ڪيو هو. جڏهن سندس عمر ايڪيهه سال هئي. مخدوم صاحب پاڻ ئو فرمائي.

١- مسئلا روزن جا آهن گهڻو اپار
جي ڪجي هيڪاندو تنکي ته ٿين هوندهزار
٢- تن منجهان ڪي ڪيترا مسئلا اکيام
ساري سنڌي وائيءَ ۾ لکي الڪ ڪيام
وڙهه جا هجرت کان تنهن ڏينهن لکيام
تان اڪارهه سو پنجويهه هئاءِ رمضان جا ايام
نسخو هي ناقص جو جڏهن ٿيو تمام
٣- عربي اچاڻ ڪي گهڻي ڏهلي هوءِ
سنڌي ڪيم سکهي جان سکي سڀڪو
٤- ته مان مومن تن کي پڙهي ياد ڪن
جيڪي آهين ان ۾ سي مسئلا سکن
ڪئي هت ”هاشم“ کي مان ڪڏهن دعا ڪن
مان مرهي ڏوهه ڏيهه ڏئي ڏمي ڏهارين
جن تاري تکيو ناهه ڪونڪا چانئي چڻ
ري رحمت رحمان جي پيو ڪين پجهن

**نظم:**

"فرائض الاسلام" واري نظم به نسبت "زادالفقير"
وارو نظم وڌيڪ پختو، ميناج وارو ۽ نزاڪت ڀريو آهي.
هن نظم ۾ مخدوم صاحب ڏوهيڙن پنهنجو ڏوهيڙا رکندو
ويو آهي، پوءِ ڪن ڏوهيڙن ۾ مصرعون (جن اصل
کان وٺي ڏوهيڙي لاءِ مقرر ٿيل آهن) ڪن ۾ ٽي، ڪن
۾ چار ۽ ڪن پنج به جوڙيندو ويو آهي. قافيو سڀني
مصرعن جي پڇاڙيءَ ۾ رکندو ويو آهي.

زادالفقير جي ساري نظم ۾ قافيا بلڪل باقاعدي ۽
پختا رکيل آهن. جتي جتي پنجن مصرعن کان زياده
مصرعون ڏوهيڙي ۾ رکيل آهن، اتي قافيو عمديءَ طرح
ڪم آيل آهي. مثال:-

"بقا نـاهه بلاد ڪـي دنيا نـاهه دوام
اجل ٿـو اوڙون ڪري ٿي قريب قيام
سمر سندي سائيا ڪر هـو تـنات تمام
ڏچو ڏاءِ ڏنـيءَ جـي آڳـي پر غلام
ڪريو ياد ڪريم کي سنجهي صبح شام
مچڻ وسـارا وهـو ايـپو سنجهه اسلام
کهو ڪامو صدق سين مٿي محمد چام."

ڪٿي ڪٿي "آ" قافيو به ڪم آندو اٿس، پر انهن
بي معنيٰ ۽ زائد الفن جون قطارون ڪينهن.

**مثال:**

بسملا اسلام جـا پجي سـب سکجا
پڙهي پاڙهيو تن کـي جيکي چيو خدا
ته ڪري رحمان رحمتون سپاجهو سينٺا

کري ڪرم ڪريم ڏٺي ڪمي ڏوهه خطا
فرمايائين فرقان ۾ لاتقنطو امن رحمت الله
تہ آهي رحمت ڏٺيءَ جي اپر اپارا
نڪو ڪنڌي پار تنهن تہ ڪو ڇهہ نہ ڇا

مٿي جيڪي بہ نوهيڙا لکيا ويا آهن، تن مان هي بہ آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ ”زادالفقير“ جي نظم جي عبارت نزاڪت ۽ مٺاج جي ڪري شاهہ ڀٽائي جي ڪلام جون سڪون پيئي لاهي.

”فرائض الاسلام وانگر زادالفقير“ ۾ بہ ڪيترن پراڻا نج سنڌي لفظ ڪم آيل آهن. انهن مان ڪي نوان لفظ هيٺ ڏجن ٿا جي فرائض الاسلام ۾ ڪم آيل نہ آهن. مثلا:-

(۱) گهيڙڻ - ونڻ (۲) ڀنگو - ڪپهہ جو ڪڪڙو (۳) مهيلي - عورت (٤) نمرو - تندرست (٥) پاهيڙو - چرڪو يا دير سان (٦) سپيري - ڀنهي ويلن جي ماني صبح ۽ شام (۷) مهت - مسجد (۸) مرهين - ماگهين، ضرور (۹) ڏهلي - ڏکي (۱۰) ٿوڪ - شئي (۱۱) مهس - منجهس (۱۲) گهون - ڪنڪ.

## راحت المومنين يا ذبح شڪار

مخدوم محمد هاشم جو ٻيون سنڌي نظمي ڪتاب آهي راحت المومنين (مومنن جي آسودگي) يا ذبح شڪار (شڪار ڪيل جانور حلال ڪرڻ).

”راحت المومنين“ جي ديباچي ۾ مخدوم صاحب لکي ٿو فرمائي:-

”هاني سڻو مومنا هئين جن ڪنن

ته آهي لازم دين جو سکڻ مٿي مڙني
عاقل بالغ جي ٿيا منجهان مومني
پوءِ ور شريعت کي سدا ٿا سکن
حلال حرام سڀ کي ورمايو سچائي
ته ميڙي منجهه مهندين مرڪن وچ ٻڌن"

( ۲ )

"هنئين منجهه مهندئين مرڪن وچ ٻڌن"
ته سانئو مسئلا ذبح ۽ شڪار پڇڻ گهڻيرو
ڪي لکجي تن منجهان گهڻو جي تورو"

( ۳ )

"پر عربي آهي اهکي اپوجهڻ اپار
تڪا پروڙ پارسي جي ناموزن نبار

( ۴ )

"تڏهن سنڌي ڪيم سهکي ڪڍي عربيءَ
ته پڙهيس سوسن سيکو سکي مسئلا
ڪيم باب ڀ. تنهن ۾ جوڙيندي ويرا
هڪڙو باب ذبح ٻيو ٻيو شڪار لاءِ
آسر پريو آهيان مولي جي مهرا
ته مان ڪريم قبول ڪري ڪميني ڪنا
ڇهه نه ليي پاند ڪو آڳي جي عطا
ان الله يغفر الذنوب جميعا آهي سباجهو سڀنا"

"ذبح شڪار" ڪتاب مخدوم صاحب سنه ۱۱۳۰
هجري ۾ تصنيف ڪيو هو. ڪتاب جي پڇاڙي ۾
فرمائي ٿو:

"ڪارڻ اهل دين جي هي لکيم وسالو
"راحته‌المومنين" سندي رکيم تنهن نالو"

( ٥ )

"جنهن ڏينهن اچي تمام ٿيو هي ناقص جو نسخو
ورهين سندو هجرت جي مون تنهن ڏينهن حساب ڪيو،
ٿان اڪاره سو ٽيهه ۽ ورهه ٿيا منجهس ڦير نه ڪيو."

"سيڙي مسئلا ديـن ڪيم هيڪاندا
ته نفع وٺن ڪڏهن ڪي مومن ٿن منجها
حق ۾ هن حقير جي پڻ ڪرين ڪا دعا
ڪر ڪو پڙهي بخشي فقير کي ڪڏهن فاتحا
آهـي اميد ان ۾ عاصي کـي اهـا
هادي ڪر "هاشم" کي مومنن منجهان
لــڏائين ايمان سين دل ــ ي دار ڪنا
جنن چئي هي پاڪيزو ڪلمو اڄون تو اڳيان"

(الف) مضمون:

"راحته‌المومنين" ۾ مخدوم صاحب هيٺيون ڳالهيون کولي سمجهايون آهن :-

(١) ڪهڙين حالتن ۾ ڪنهن جانور کي حلال ڪجي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ نه ڪجي؟ (٢) جانور کي حلال ڪرڻ وقت ڪهڙا ڪهڙا شرط بجاءِ آڻنا آهن؟ (٣) چوڏهن شرطن کان سواءِ ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون حلال ڪرڻ وقت ڌيان ۾ رکڻ مستحب آهن ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون چوڪيدن ڪيون، ته حلال ڪيل جانور جو گوشت کائڻ مڪروه ٿي پوندو؟ (٤) ڪهڙين حالتن ۾ جانور کي هرو ڀرو بسه حلال ڪرڻ گهرجي (٥) ڪهڙن جانورن جو گوشت کائڻ

آهي عرض عالمن ڏونهه جي مولا ڪيا مليح،
ته ڪمان نظر ڪرم جي ساري ڪن صحيح،
منجهه تحقيق مسئلي جي مون پڻ وس ڪيو،
پر انسان انهيءَ حال ۾ آهي نسيان پيو.
جڏهن نسخو هن ناقص جو اڃا تمام ٿيو،
تڏهن منجهه خدمت مرشد پنهنجي وٺي آءُ ويو،
جو عالم عارف ڪامل زاهد زماني جو،
حاجي محمد هاشم نالو جنهنجو مولوي مشهور ڪيو،
راتو ڏينهان رحمت رب جي شال شامل ساڻن هوءِ،
سين اهل اولاد سندن ۽ ميڙن مجنئو،
ڪري ستر پنهي جهانن ۾ سائين ساجهو،
تان منجهس پنهنجي مهر سين ان پڻ نظر ڪيو.
پڻ جڏهين هي نسخو تيار ٿيو مولي جي مهرا،
تڏهن نظر ڪيم ورهين ۾ نه ڪيترا هئا گذريا،
تا اڪبره سو ستونجاه ورهه هجرت کي ٿيا،
ڪارڻ طالب طالبين هي رسالو لکيوم،
”مطلوب المومنين“ سندي نالو تنهن رکيوم،
سندي واني مهڪي سيٺي پڙهن پڙهن،
عاصي ”عبدالخالق“ کي دعا مان ڪرين.

مخدوم محمد هاشم کي اهو مطلوب المومنين ڪتاب اهڙو پسند آيو، جو پنهنجن ٻن رسالن (زادالفقير ۽ راحت المومنين) سان ڪٺي شامل ڪيائينس. اڄ ڏائين زادالفقير راحت المومنين ۽ مطلوب المومنين اهي ٽيئي رساله هڪڙيئي ڪتاب جي صورت ۾ ڇپيا اچن ٿا.

## مضمون :

مخدوم محمد هاشم ڪتاب فرائض اسلام ۾ اهي سي

مگر قدر موجب پانهنجي ڪوشش ڪيم ڪا
ڪو قدر حديثن حبيب صلعم جو ڪيڏي ڪتابنما
جوڙي اُنـم جـمـع ڪيو ڪارڻ تصيحتا
سنڌي ڪيم تنهنجي خالص الـڳـب خـدا
ڪيم هيڪاندا منجهه. هڻ نسخي اقسام روايتڻ جا
ڪي بخاري مسلم منجهان ڪي منجهان مشڪوانا
ڪي ڪنان سنن ۽ معجم مان ڪي مسند منجهان"

## تصنيفات

١. ڪنزالعبرت ٢. بدرالمنير ٣. غزوات ٤. نور الابصار ٥. صفت بهشت ٦. قمرالمنير ٧. سنگ ناموس ٨. تفسير يوسف ٩. شجاعت سيدالانبا ١٠. قصو سيدنا امير عمر جو اسلام آڻڻ ١١. خلفاءِ راشدين ١٢. شهادت امام حسين.

## ڪنزالعبرت

### مضمون:

مخدوم عبدالله صاحب صحيح حديثن جي ڪتابن، انهن جي شرحن، تفسيرن ۽ فقه جي معتبر عربي ڪتابن مان هيٺيون چونڊي "ڪنزالعبرت" ۾ تفصيل سان سمجهايون آهن:-

١. اسلام جي عمارت ڪهڙن پنجن ٿنڀن تي اڏيل آهي؟ (١. ڪلمو ٢. نماز ٣. روزو ٤. حج ۽ ٥. زڪوات) ٢. ايمان جون شاخون ڪهڙيون آهن؟ سچي دل سان ڪلمون پڙهڻ ۽ پروڙڻ، خلق جي عام خير خواهي، حياءُ پنهنجو ڏوهه قبول ڪرڻ، حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلوات والسلام جن سان محبت ٣. ڪنهن به شخص جي گلا ڪرڻ کان پنهنجي زبان کي روڪڻ

پڻ ميڪاريائين ميں ڪي علم دين هدا
پي نہ هئي هاجڙي هرگز ان ڏاران
تہ ڪي چڏي امير سنهنجو جاوئين ڪرين سا"

## ( ٢ ) نظم جو نموذو

ڪنزالعبرت ڪتاب جو نظم قافيہ نسبت اهڙو سادو آهي، جهڙو فرائض الاسلام ڪتاب جو. شروع ۾ جيئن آ قافيو ڪتيل آهي، تيئن ڪتاب جي پڇاڙيءَ تائين اهو قافيو هلندو آيو آهي. "آهہ" ۽ "آن" کي بہ "آ" قافيہ سان ملايو ويو آهي.

ڪتاب "قمرالمنير":- قمرالمنير جي شروعات وارن بيتن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ مولوي صاحب جڏهن پنهنجن ڪن پيارن عزيزن ۽ دل گهرجن دوستن جي چالاڪي ڪري ۽ عزيزن خويش جي اٿيڻت ۽ عداوتن سببان تمام غمگين ۽ ملول گذارڻ لڳو، تڏهن پنهنجي دل جي آرام ۽ ڏي لاءِ "قمرالمنير" ڪتاب لکيائين. انهن شروعات وارن بيتن مان ڪي هت ڏجن ٿا:-

"الاهي احسان سين مالڪ مندا ملڪن
سڻ عرض جو قادر سين ڪرمن
حرمت حضرت رسول جي، عزت اصحابن
ڪرڪو تدارڪ تنهنجو سنجهان ٿي مهرن
جنهنکي ڏکن جا ڏيل ۾ پيا چاڪ چڪن
پهر پاڦ نہ نکري منجهہ سچ پرن
واڌ وڌيو وجود کي سرهي اڇي سورن
گوندر مٿي گوندرين اپر اوڙن ڪن
موت مشڪلاتون مفارقتون هم غم هزارن"

جڏهن اڳئين زماني جا مصنف گهڻو ڪري ڪتاب

جي پڇاڙيءَ ۾ ڪتاب تيار ڪرڻ جو سال لکندا هو، تنهن مولوي صاحب "قمرالمنير" ۾ نه لکيو آهي جنهن ڪري چئي نٿو سگهجي ته اهو ڪتاب ڪهڙي سال جو لکيل آهي. جيڪو نسخو هن وقت اسان جي اڳيان آهي، سو تاريخ ١٤ ربيع الثاني سنه ١١٦٠ هجري برابر تاريخ ٣١ مئي ١٨٥٤ع بمبئيءَ ۾ ڇاپيل آهي.

اصل عربي ٻوليءَ ۾ "شرح سراج المنير" ڪتاب حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلوات والسلام جن جي پاڪ زندگي بابت معتبر تاريخ ۽ سيرت جو ڪتاب آهي، ان کي ميان عبدالله صاحب سنڌيءَ ۾ ڪري سنڌس نالو رکيو آهي "قمرالمنير" (روشن چنڊ)

## ڪتاب جو مضمون:

"قمرالمنير" ڪتاب ۾ فقط حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جا اخلاق، اعمال، اقوال ۽ احوال بيان ٿيل آهن. مصنف ڪتاب جي شروع ۾ فرمائي ٿو:—

"هائي ٻنھو مومنا هنئين جن ڪنن
اوصاف احمد صلعم چام جا پاو سندا پرين
ته ڪهڙا رکايا رب هئا اخلاق عجيب سنجهن
سيد سونهائون تن ميں جي صفتون مڻ سنديں
ته ڪر شفاعت آن مٿي نور نمين
اوصاف افعال اڪمل جا سکي صحي ڪجن
جنهن ڪري سچانجي سيد سندو ميں
ته ويتر ٿئي ورنهه ڏونهه محبت ڪنان مڙن
پڻ ايمان ۽ اسلام بچي ڪنان آفتن."

## ڪتاب جو نظم:

مولوي ابوالحسن جي سنڌي، مخدوم ضياءُالدين جي

سنڌي، فرائض اسلام زادالفقير وغيره جهڙين ڪتابن جيڪو سنڌي نظم ڪم آيل آهي، تنهن بنسبت قمرالمنير ۾ ڪم آيل نظم نرالي نموني جو وڌيڪ پختو، ميٺاج پريل ۽ مزيدار آهي.

نرالي نموني جو هن طرح آهي، جو شاعر جيڪو قافيو "آن" پهرين بيت کان شروع ڪيو آهي، سو ساري ڪتاب ۾ نڀائيندو وڃي توڙ ڪٺي اٿس. گويا سارو ڪتاب ٿي هڪڙو لمبو ڏوهيڙو آهي، جنهن ۾ پنج هزار کن مصرعون آهن. وڏي خوبي هي آهي، جو کن جزوي هندن ڌاران ٻيا سڀ قافيا پختا ۽ زوردار ڪم آيل آهن.

جنهن ته مخدوم عبدالله هڪڙي عاشق رسول جي حيثيت ۾ قمرالمنير تيار ڪيو آهي، تنهنڪري نزاڪت پريل تشبيهن، استعارن ۽ تمثيلات جو نه گهٽو انداز ان ۾ ڪم آندو اٿس. طبيعت جي رواني، ۽ فصيح و بليغ عبارت جي مد نظر ٿي جهوني جي پين عالمن شاعرن بہ نسبت مخدوم عبدالله صاحب بلڪل پختہ پايہ وارو شاعر پيو نظر اچي.

## ڪتاب جي شروع ۾ زماني بابت

"عادت ويٺي احسان جـي منجهان ٿـي ماٺهن
وڏا شڪ ميڻ ڪـي سـرهـي شيطانن
مهر محبت لـذيـو هيچ نـ منجهہ هنين
پـچـڻ نـاهہ پـرت مين منجهان محبتن،
ويـا ڪر لاهـو قلب جـا پسي جـانـن
ماڻڪ موتـي تنهن مرتبو مـان لـهـن

جتي پارکـ پـدرا صـراف هــون سنـدن
۽ راءِــي جـــي رڍن جــا سچ منجهه سهڻن
جواهر يا قوت جي مي کوهه قيمت ڄاڻن؟
هيري لعل فيروز جـــي پوک نـــه پنوهارن
لهي ڀــاڙ پٽل جـــو سون ري صرافــن"

## واقعہ نگاريءَ جو نمونو

### معراج شريف واري برق جي تصوير:

"تنهن ڀاتو ڀير رکاب ۾ جان رحمت عالمن
تان براق پڇي اڳهون تيو اڀي نہ اسپ سندن
ڀـــڄ نـــہ جهلي پنهنجي سو اڳيان عجيبن
کـــري رقص وءِ ڀمـي نچي مي نــــازن
هـنري هنڪار کري کڏي پـــر قدمن
سهکو ايـــي نـــہ ماتري مهندان مقبولـــن
تنهن حضرت جبرئيل هکل کري ماڻ هيبتن
چيس چٽيءَ زبـان سين ونـــي واڳـــــ متن
کونہ تو سڃاڻين نبيءَ کي جو مهندار محبوبن
چـــي گهڻو سڃاڻان گوهر ايءَ دادلو ڏٺين
مولي سندو محبوب جـــو، سو سڀني سڃاڻن
اکين تـــي آءٌ کڻان پيراورن ڀـــرين
پر ڄاڻيءَ کيم سرکشي اي اڳيان عجيبن
تان موڻ مڻ کري وعدو ورنهان پوءِ چڙهن"

مٿين ذکرن مان ظاهر آهي تہ سلاست، فصاحت ۽ بلاغت مان ماروئي کلام سينگاريل آهي.

"سنگنامي" مان گنڏ پيا بہ چار رسالا شامل ٿيل آهن: (١) رسالہ ايمان مجمل ۽ ايمان مفصل (٢) نڪاح

جي ترتيب ۽ خطبو (۳) ميت جو وقت وارث (۴) ميت جو ترڪو ۽ ورثو. انهن رسالن مان ميت جي وقت وارث واري رسالي جو هڪ مصنف مولوي عبدالرزاق نالي ڪو بزرگ آهي. ”سنگنامو“ ڪهڙي سنه ۾ تيار ٿيو سو دستور موجب سنجهس ڏيکاريل ڪونهي، فقط هيترو احوال ڏنل آهي:-

”هاڻي هڻ حقير جيو ڪن نيڪنما
ته ڪي مسئلا مجرما تن جا پڻ رضاع سندا
۽ ڪي مسئلا طلاقن جا ڪي قسم سندا
ڪڍي عربي فارسيان ڪر تون سنڌي واء
ته نفعو رسي تنکي جي عاري عربيا
نکي ڄاڻن فارسي آهين نامورا
تڏهن شروع ڪيم تنهنکي ساڻ پيلپي الله
آهيم اميد تنهن صاحب ڏونهه اهائي اصلا
ته بخش ڪري گناهن کي سين پنهنجي مغفرتا“

## ۱- غزوات

”غزوات“ لفظ جمع آهي ”غزوه“ جو. غزوه جي معني آهي جنگ. ڪتاب غزوات ۾ انهن جنگين جو مفصل احوال لکيل آهي، جي حضرت پيغمبر ڪرام عليه الصلوات والسلام جن پنهنجي ۽ پنهنجي همراهن جي بچاءَ ۽ اسلام جي حفاظت خاطر ڪيون.

## ۲- شجاعت سيد انام عليہ الصلوات والسلام

مجموعه جو پهريون ڪتاب آهي ”شجاعت سيد انام“ هن رساله ۾ حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلوات والسلام جن جي بدني طاقت ۽ پهلوانيءَ جو ذڪر ڏنل آهي.

## ٣- حضرت عمر رضه الله تعاليٰ عنه

مجموعه جو ٽيون ڪتاب آهي ”حضرت عمر رضه جو اسلام آڻڻ.“

”هاڻي ڪريون امير عمر جي ڪي اسلام ذڪرا
ته ڪئن پر آندو اسلام تنهن عادل عمر شاه
جنهن جيهو سگهي منجهه ڪونه هو پهلوان شجاع
جنهن ڪنبندا سڀ قريش هئا تنهن هاٿڪجي هڪلا
رڙندا ٻار ساٿ ڪرين سڀ سندس اسما“

## ٤- خلفاء الراشدين

مجموعه جو چوٿون ڪتاب ”خلفاءالراشدين“ ”خلفاء الراشدين“ جي معنيٰ آهي ”سنئين رستي تي هلڻ وارا جاءِ نشين“ حضرت جن صلعم جو فرمودو ته الخلافت بعدي ثلاثون سنه ثم تصير بعد ها ملڪا غضوضا (مون کان پوءِ پورا ٽيهه ورهه خلافت رهندي، تنهن کان پوءِ ڏنگيندڙ حاڪم ٿيندا رهندا.)

حضرت جن جي انهيءَ فرمودي موجب خلافت راشده (سنئين سواڻي خلافت) هن طرح آهي.

”موجب مذهب اهل سنت جماعت جي موافق حديثا
آهين خلفاء الراشدين پنجه جنا سڪي ياد ڪجاء
هڪڙو ابابڪر صديق ٻيو امير عمر شاه
ٽيون عثمان ذي النورين چوٿون علي مرتضيٰ
پنجون خليفو پوريون حضرت حسن مجتبيٰ
جنهن تي ٿيو ختم خلافت جو موجب حديثا
ٿيا تنهن حضرت معاويه بن ابي سفيان پڻ عالم لڪن ٿا
ته آهي داخل حاڪمن ۾ خلفاءالراشدين منجهان نه آهه

بلڪ هو خليفو معاويہ سو امير حسن جي پاران“

## ٨۔ قصو شهادت حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنہ

مجموعہ جو پنجون رسالہ آهي ”قصو شهادت حضرت امام حسين.“

حضرت امام حسن رضہ جي وفات کان اٺ نو ورهيه پوءِ هجري سنہ ٦٠ ورهيہ ۾ امير معاويہ رحلت ڪئي. جيڪو عهدنامو حضرت امام حسن ۽ امير معاويہ جي وچ ۾ ٿيل هو تنهن موجب امير معاويہ جي پٽ کي اسلامي ملڪن جون واڳون ملڻيون نہ کپن هيون. ساري ملڪ جون امام حسن رضہ کي يا ان جي وارثن مان ڪنهن کي واڳون ملڻيون هيون، يا سڀني مسلمانن کي پنهنجو حاڪم ڪثرت راءِ سان چونڊڻو هو. پر ”يزيد“ انهيءَ عهدنامہ جي برخلاف پاڻ پادشاه بڻجي ويهي رهيو ۽ زبردستيءَ سان بہ ماڻهن کي بيعت مڃائڻ شروع ڪيائين.

”جڏهن جڏهن يزيد بن معاويہ کي آئي خلافتا
تڏهن امام حسن تنهنجي ڪئي بيعت نہ قبولا
جي حڪم جو خلافت جو سو اسر عظيم آهہ
ڏيلانهن سان فاسق کي اصلئون ڪين رهاءِ
۽ نڪا بيعت تنهنجي اسين قبول ڪندا
تنهن سببان چورا سوير ۾ پيو يزيد ڪا
ڏيلانهن ڪيائين قتال جو سببن حضرت حسين شاه“

يزيد صلحنامي جي بہ خلاف ملڪ جو مالڪ بڻجي وينو تنهن کان سواءِ سندس هلتون چلتون بہ شريعت

سندن ڏي فرزند ۽ ڏي نياڻيون هيون. ڪربلا جي واقعي کان پوءِ سندن فرزندن مان فقط هڪڙو حضرت امام زين العابدين رضه بچيو، جو ميدان ڪربلا ۾ بيمار ۽ ضعيف هو. دنيا ۾ اولاد به فقط ان جو ئي رهيو.

"آخر ٿيندي تيهين جيڪا رب رضا
پسو جنهن پر اوچتي جاري ٿئي قضا
دوس کهائي دشمن هٿان ڪرن ڪير پياءِ
ڏي بادشاهيون بيڪارن کي اشراف ڪري اپرا
ڪونه پروڙي ڪريم جو اي ءَ علم حڪمتا"

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي ١٦٨٩ع

چو وڃين وڻڪار هت نه ڳولين هوت کي
لکو ڪين لطيف چئي پاروچو ٻي پار
ٿيءَ متي پڌ سندرو پرت پريان سين پار
نائين نيڻ نهار ته تو ۾ دير دوست جو

شاهه عبداللطيف جنهن کي شاهه ڀٽائي جي نالي مان سڏجي ٿو، سو سيد شاهه حبيب جو فرزند هو. سنڌ جو مشهور ولي سيد عبدالڪريم شاهه بلڙي وارو سندس پڙڏاڏو هو: جئن شاهه عبداللطيف بن سيد شاهه حبيب بن سيد عبدالقدوس بن سيد جمال شاهه بن سيد عبدالڪريم.

شاهه ڀٽائي جا وڏا مائٽ امير تيمور جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيا هئا ۽ حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقه ۾ اچي رهاڪو ٿيا هئا. شاهه ڀٽائي ڳوٺ هالا حويليءَ ۾ (جو ڀٽ کان نو ڪوهه پري هو) سنه ١١٠٢ هجري برابر سنه ١٦٨٩ع ۾ ڄائو هو. سندس ڄمڻ کان پوءِ شاهه

سنڌ ۾ گهڻوئي شعر هو. قاضي قاضن، سيد عبدالڪريم، ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم ۽ ٻين پنهنجي پنهنجي نموني ۾ مضمون جي مدنظر تي ڪيترو ئي شعر لکيو جو سنڌ ۾ موجود آهي.

قديم وقت کان وٺي هندستان جي شعر جي طرز آهي "دوها" يا "دوهرا" جنهن کي سنڌي ۾ چئبو آهي "ڏوهيڙو" "دوهرا" جو مثال آهي ٻن سٽن وارو شعر" جيئن ته مثال :-

"جو آيا جگت ۾، جگت سر اهي توءِ
ايسي ڪرتي ڪر چلو، پاڇي نہ هنسي ڪو"

ڪبير صاحب ("جڏهن دنيا ۾ آيو آهين، تڏهين جڳ ۾ جس حاصل ڪر. اهڙيءَ طرح حياتي گذاري وڃ، جو پٺيان نڌوليون نہ ٿيئني".)

"نانڪ گورو نہ چيتني، من آپئي سچيت
چٽي تل ٻهاڙ جم سڃي اندر کيت"

گرو نانڪ صاحب

(جيڪي ماڻهو پاڻ کي سچيت سمجهي سچي سائين کي ياد نہ ٿا ڪن، سي ترن جي ڳلن وانگر سڃيءَ ٻنيءَ ۾ ڦٽا ڪيا وڃن ٿا.)

"ڪيتي اندر چٽيا، ڪهہ نانڪ سہ ناهہ
ڦليمهہ ڦليمهہ ٻيڙي پي ترن وچ سناهہ"

گرو نانڪ صاحب

(ٻنيءَ ۾ ڦٽيون ڪيل ترن جون ڳلون نڪميون هئڻ ڪري ٻنيءَ جا مالڪ ڪم ۾ نٿا آڻين. اهي ڳلون رڳو ٻاهران چڪيون مکيون ڀيون نظر اچن، پر سندن اندر رڳي رک آهي.)

"چارئي پلو چڪ ۾، پڇين پاڇڙ وٽ
ان اهڙي احتياط سين، قمت پڇاڻا قوت"

(شاهه ڪريم رح)

شاهه ڀٽائي صاحب جڻ جڻ ۾ مصرعن وارن ڏوهيڙن ۾ ٻيءَ تڪ ۾ قافيه ڪم آندو آهي، تن ۾ پهريون قافيو وري ٽيءَ تڪ جي پڇاڙيءَ ۾ انس، نه مٿين مثالن وانگر چوٿينءَ تڪ جي پڇاڙيءَ ۾ جئن ته:-

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات

(شاهه ڀٽائي)

مٿين نموني جو قافيو ڪنهن به هندي ڏوهيڙي ۾ ڏسڻ ۾ نه آيو آهي، مگر شاهه ڪريم پنهنجي ڪلام ۾ قافئي جو اهو نمونو ڪم آندو آهي ۽ ان جي ئي پيروي شاهه ڀٽائي صاحب ڪئي آهي.

"جي لياڪ لوڪ جا جان جان سي نه لتاءِ
تان تان ٿئي نه ماءِ، پووو پسڻ پرينءَ سين"
"اسين تتان آئيون، جت ڪنهن نه آهه
جي وچون، وياهه، ته پڻ مٿون لوئيون"

(شاهه ڪريم)

مثال ٢:-

(پهرين ۽ ٽين تڪ جي پڇاڙيءَ ۾ قافيه)

"جو برتي جهه ريت، تنا سي تيسي ترتئي
ساڌ سنگت سي پريت، ڪريئي ڪپت"

(ڪبير صاحب)

(تو سان جو شخص جهڙي ريت هلت ڪري، تنهن سان تهڙي ريت هل، فقيرن سان محبت رک ۽ ڪوڙن کي ڪوڙائي منهن ۾ ڏي.)

”ناکي ڪھوري چل، لاڙائتو مج ڏيو
ھاڙي ڏاري ھل، وچي ھو ڏن جو ڏيو“

(شاه ڪريم)

”ڪوءِ ھاڙ ھو ڪوءِ ھوت، ڪوءِ پنھون ڪوءِ پريتمو
مادر مون تان موت، پسڻ مان پرائيو“

(شاه ڀٽائي)

قاضي قاضڻ ۽ شاه ڪريم ڏوھيڙي ۾ ڏيون نمونو بہ قافيہ جو ڪم آندو آھي، جو نہ ھندي ڏوھيڙن ۾ ڪم آيل آھي ۽ نہ شاھہ ڀٽائي ڪم آندو آھي. اھو آھي پھرينءَ تڪ ۾ قافيي جو نمونو. جھڙن:

”پنجين ڏميڻ ڏم، ڪڍ جي ڪـي سڄڻين
تہ پسڻ توھين ڪنيو، جي سو مزع ڪم“

(شاھہ ڪريم)

”لوڪان نجو صرف، مون مطالع سپرين
سوئي سو پڙھيو پڙھان، سوئي سو صرف“

(قاضي قاضڻ)

انھن وسھڻ ۾ ايندو آھي، تہ شاھہ ڀٽائي ”دوھرا“ ۾ ڦيرگھير ڪر ھي، جو ان ۾ ٻن مصرعن جي بدران ٽي، چار، پنج بلڪ ڏھن تائين مصرعون بہ ڪم آنديون آئس. مگر اسان جي تحقيق مان معلوم ٿو ٿئي تہ شاھہ ڀٽائيءَ کان اڳ ڪيترن ئي ھندي زبان جي شاعرن ٽن، چئن، پنجن بلڪ ڏھن ٻارھن مصرعن تائين بہ ڏوھيڙا ڪم آندا آھن. سنڌي نظم ۾ شاھہ ڪريم بہ ٽن مصرعن وارا بيت چيا آھن. (ڏسو رسالہ ڪريمي بيت نمبر ۹۸ ۽ ۹٦) ۽ ميان ابوالحسن بہ ٽن، چئن، پنجن

بلڪ ويهن ڪان ٺٽي مصرعن وارا ڏوهيڙا پڻ ڪم آندا آهن. هندي شاعرن مان اسين مثال خاطر نقط ٻن درويش شاعرن جا ڏوهيڙا ڏيون ٿا. هڪڙو ڪبير صاحب (١٣٨٨ ڪان ١٤٦٢ع تائين) جو شاهه ڀٽائي کان ٽي سو ورهه اڳ ٿي گذريو آهي ۽ ٻيو گرو نانڪ (١٤٦٩ ڪان ١٥٢١ تائين) جو شاهه صاحب ڪان ٻه سو ورهيه اڳي ٿي گذريو آهي. سنڌي شاعرن مان ميان ابوالحسن جو شاهه ڀٽائي جي وقت ڪان ٿورا ورهيه اڳ گذري ويو هو، تنهن جي ڏوهيڙن مان مثال ڏيون ٿا:

١- ”باره برس پالپن بيتي
بيس برس ڪڇ تپ نه ڪيئو
تيس برس ڪڇ ديو نه پوجا
ڦر پڇتانا برڌ ڀيئو
ميري مير ڪرتي جنم ۾ گيو
سائر سوک پنجت ليئو

(ڪبير صاحب)

(غافل انسان جا ٻارهن ورهيه ٻالپڻ ۾ گذري ويا ۽ ويهن ورهن تائين ڪابه رياضت نه ڪيائين. ٽيهه ورهه گذريا ته به خدا تعاليٰ جي بندگي نه ڪيائين پوءِ پڇتائيندي اچي پير سن ٿيو. ”منهنجو“ ”منهنجو“ ڪندي ساري عمر گذري ويس تان جو پاڻهن جو پل اچي ڪسي ورتس.)

٢- سارو دن ڏولت بن مهيٺا
اجهه نه پيٺ اگهيٺي
جن پيڳتن کو کهو نه مانو
دک سک ڪرت مها پرم پرڏو

انـک جـون پـر مـنـهي
رتـن جـنم کوڙيو پرڀ بسريو
ايـهـ اوسـر کـت پـهـي
پير ـت ڦرت تيلک کي کپ جنم
گـت بـن ريـن بهـئي
کهت کبير رام نـام بـن
سـونـد ڏنـي پـچـمـڻـي"

(اي موک سارو ڏينهن پيو جهنگ ۾ گهمين ڦرين، ته تنهنجو پيٽ نه ڀريو سو نه ڀريو. جن ڀورڪن فقيرن ۽ درويشن جي نصيحت نه مڃي، سي پنهنجو ڪيتو ڀوڙين ٿا. تون ڏکن کي سک سمجهي وڏي پيڙا ۾ وڃڻ ۾ پڌو پيو آهين ۽ ٺيڪ جوڻين ۾ ڀٽڪندو وتين ٿو. ڏني مڪوري کي وساري پنهنجو بي بها انساني جنم ناس ڪيو اٿئي. هاڻي وري اهو وقت توکي ڪڏهن هٿ ايندو؟ تون چاڪي جي ڏاند وانگر بنان حاصلات پنهنجي حياتيءَ جي رات ڦيرين ۽ چڪرين ۾ اجائي برباد پيو ڪرين. ڪبير صاحب فرمائي ٿو، ته ڌڻي جي ناليءَ ياد ڪرڻ ڌاران توکي سر ڌوڻي پڇتائڻو پوندو.)

"سمل رک سرائي، ات ديرگ سچ ات،
اوءِ جه آوه آس کر، جاهه نراسي کت
ڦل ڦکي ڦل بکبکي، کم نه آوه پت
(گرو نانڪ)

(صنوبر وڻ تمام سنهون سڌو ڏکهو ۽ گهاٽو ٿئي ٿو، پر جيکي مڇس ڪاڏي ۾ آس رکيو اچيو ويهن ٿا سي نا اميد ٿيو ٿا اڏاميو وڃن؟ هن ڪري جو ان جو ڦل بي سواد ۽ گل اوگرو ٿئي ٿو ۽ سندن پن ڪنهن

ڪم جا نہ آهن. گرو نانڪ صاحب فرمائي ٿو، تہ اهڙن
وڏن لنبن وڻن کان نميل يعني نِنڍڙو ء مٺن ڦلن وارو
وڻ بهتر آهي، ڇاڪاڻ جو گڻن ء چڱاين جو سار
منجهس آهي.)

مياں ابوالحسن جي سنڌي وارو "مقدمہ الصلوات"
اهڙن ڏوهيڙن سان پرپور آهي. سنجهس ٽن مصرعن وارن
ڏوهيڙن کان وٺي ويهن ٽيهن مصرعن وارن ڏوهيڙن
تائين موجود آهن.

ٻن مصرعن کان وڏيڪ مصرعن وارن هندي ڏوهيڙن
۽ مياں ابوالحسن جي سنڌيءَ وارن ڊگهن ڏوهيڙن جي
وچ ۾ قافيہ بہ نسبت ڪوبہ تفاوت ڪونهي. جئن هندي
ڏوهيڙن جي سڀني مصرعن جي پڇاڙي ۾ قافيو رکيل
آهي تئن مياں ابوالحسن جي ڏوهيڙن ۾ بہ آهي. مگر
شاهہ ڀٽائي صاحب جا جيڪي ڏوهيڙا ٻن مصرع کان
وڌيڪ مصرعن وارا آهن ٽن پڇاڙي واري مصرع
جي وچ ۾ قافيو رکندو ويو آهي.

۱- "ڪاراڪن ڪاري تکي، جتي ڪاري هر ڪڙڪا
مٿي ستي مهراڻ ۾ اچن دوپارا ڪڙڪا
ويندي ساهڙ ساءهاں جهول ڏنس جهڙڪا
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونها ٽنڙس سر ۾"

۲- "ڏاگهنڻون ڏيرن، جي آندا پرد پنهور ۾
هٿي چيل چرا ڪيا، وهہ پٺي وهڙن
ڪڙي ڪڙڪو ان جو هوند ستي سٺو سين
ڏاندان سات سيد چئي، پيا ڊيون پهچن
جن جو پير نہ لکو پٿين، تن آيم ساڻ اٺن
گنگن ۽ جنگن، سندا اسونهي سيڙنين"

آهي، تنهن کان ڪيترائي درجا زيادہ شاهہ ڀٽائي جي ڪلام ۾ جو مضمون ۽ عبارت مثنوي شريف جي اثر ۾ ورتل آهي.

شاهہ صاحب جا ڪي ڪي ڏوهيڙا تہ اهڙا آهن، جو ڄڻڪ مثنوي شريف جي بيتن جو ترجمو آهن، پر درحقيقت اهي ترجمو نہ آهن. فقط مثنوي شريف مان دلچسپيءَ جو اثر آهن. مولانا رومي، مثنوي شريف شروع ڪرڻ وقت چوي ٿو:-

بشنواز ني چو حڪايت مي ڪند
وز جدائيها شڪايت مي ڪند .

(نڙ پيو وڃي، تنهنجو آواز ٻڌ، هر فراق جون دانهون پيو ڪري).

مولانا رومي مٿين بيت ۾ پنهنجي وجود کي "نڙ" سان مشابهت ڏني ٿو، جو ڦوڪ اچڻ تي درد ڀريو آواز ڪندو آهي. نڙ واري ڪاني پنهنجي وڻ (ٿڏي) کان ڪپجي ڌار ٿيندي آهي، تڏهين ڦوڪ سان آواز ڪندي آهي. جيڪڏهين ان کي اصل ٿڏي کان ڪپي ڌار نہ ڪجي تہ جيڪر سنجهائنس آواز ٿي ڪونہ نڪري اهڙيءَ طرح سچن عاشقن جو روح بہ حق جي ذات پاڪ کان وڇڙي هن جسم ۾ اچي ڦاٿو آهي، تنهن ڪري ٿي درد جون دانهون ٿو ڪري. ساڳيو مضمون شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هن طرح ڏنو آئي:-

"وڍيل ٿي واڪا ڪري، ڪنل ڪو ڪاري
هن ٻڻ پنهنجا ساريا-هوءَ هن جون ٿي هاري"

مثنوي شريف ۾ چيل آهي تہ:-

”هر کہ را اسرار حق آموختند
مهر کردند و دهانش دوختند“

(جنهن کي خدائي راز معلوم ڪرائين ٿا، تن جو ڪچھ پڇڻ بند ڪندا آهن) شاهہ صاحب ساڳيو مضمون هن طرح ڪم آندو آهي:-

”سلي سوريءَ چاڙهيا، بيان ڪن نہ بات
توڻي ڪسن ڪات، تہ بہ ساڳي سلن ڪينڪي“

(۲) ”برقعان اندر بازيون پڻهنجون سي بچاءِ
لڇڻ لنئون لطيف چئي، پڌر هڏ م پاءِ
ستان لوڪ لڪاءِ، وصالان وڃ پئي“

مولانا رومي فرمائي ٿو:-

”هر ڪجا تو با مني من خوشدلم
ور بود در قعر گوري منزلم“

(اي حقيقي محبوب تون جتي بہ مون سان هوندين، اتي آءٌ خوش گذاريندس، پوءِ ڪٿي قبر جي تري ۾ هجان) شاهہ صاحب وري هن طرح ٿو فرمائي:-

”ورسا سچي ويڙهہ، جنهن ۾ سڄڻ هيڪلو
سو ساڳوئي ٿير، جتي ڪوڙ ڪمائهين“

مولانا رومي فرمائي ٿو:-

”صبر گنج است اي برادر صبر ڪن
تا شفا يابي تو زين رنج ڪهن
صبر را با حق قرين ڪرد اينلان
آخر والعصر را آنگہ بخوان“

(اي ڀاءُ صبر جو خزانو آهي، تون صبر ڪر تہ هن پراڻي درد کان تندرستي حاصل ٿئي ٿي. اي فلاڻا تون

ٿو:- (١) صوفيانو مضمون (٢) اخلاقي مضمون (٣) عاشقانو مضمون (٤) فطرت نگاري (٥) مدحيه مضمون.

## صوفيانو مضمون

درحقيقت شاه صاحب جو سارو ڪلام صوفيانو مضمون آهي. جڻ جڻ مضمونن کي اخلاقي، عاشقانو يا طبعي يا مدحيه سڏجي ٿو، تن مان به ڪوئي مضمون تصوف جي رنگ کان ٻاهر نه آهي. صوفياني مضمون جو تعلق خاص "روح" ۽ "رب" سان آهي.

"روح ۽ رب" جي وچ ۾ قرب ۽ محبت جو ازلي لاڳاپو آهي، "يڪرنگي" رب جي پاڪ ذات سان يڪرنگ ۽ سمايل رهڻ ۾ ئي روح لاءِ سچي راحت آهي.

١- سو هيءُ سو هو، سو پرين سو پساهه،
سو اجل سو الله سو ويري، سو واهرو

٢- ٻاهر سان سهڻي سائـــر ٻـــڻ ســوئي،
آهي نجوئي، ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي.

نه رڳو انساني روح، بلڪ سڀ مرون، پکي جيت جانور، وڻ ٻوٽا، جبل، نديون، آسمان، سج چنڊ، تارا وغيره شين ۽ انهن شين جي ڪارروائي ۾ به رب جي پاڪ ذات جي "يڪرنگي" سمايل آهي. تنهن ڪري جيتوڻيڪ ساري مخلوقات جي گهڻائي (ڪثرت) پئي نظر اچي، مگر انهيءَ "ڪثرت" ۾ سارو ڪم پاڪ ذات پروردگار جي "يڪرنگي" ڪري رهي آهي. اها يڪرنگي آهي "وحدت".

"وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
هـــو هلاچو هـــل، باالله منڊو سچڻون."

(۲) "سرتان، موران، پکٽان واني پي م پل،
هـــو هلاچو هلي، باالله سندو سجڻمن."

(۳) "ڪوڙين ڪايائون تنهنجون لکن لک هزار،
جي ڪي سيڪنهن جي سين درمن ڏارو ڏار،
هريتم تنهنجا پار ڪهڙا ڇني ڪهڙا چوان."

"رب تعاليٰ" جي خواهش پٽاندڙ ۽ محبت جي آزمائش خاطر "روح" کي جسماني قيد ۾ اچڻو پيو. جسماني قيد ۾ اچڻ شرط "ڪثرت" ۾ گهيرجي ويو. اگرچ روح جي سچي راحت آهي حق جي پاڪ ذات ۾ وڃي سمائجي پر جسم جو مليو انس سو ڪثرت سان مشغول رهڻ ۽ ڪثرت مان راحت حاصل ڪرڻ لاءِ روح کي زبردست ڪشش ڪري ٿو. اها زبردست ڪشش آهي "نفس".

"روح" کي جسماني پليتاين کان صاف ۽ پاڪ رهي موٽي حق جي پاڪ ذات ۾ وڃي سمائجڻ کان روڪڻ لاءِ "نفس" ان کي جن خواهشن ۽ خيالن جي نوڙين ۾ ٻڌڻ جي ڪري ٿو، سي نوڙيون ڪپي نفس کي ماري مات ڪري وڃي پنهنجي سچي ماڻس ۾ "سمائجڻ" اهو آهي تصوف جو اعليٰ مقصد ۽ سچي مراد.

(۱) "سون کي مون ماڻ پرين، ٻڌي وڌو ناز ۾،
اپنا اٿين ڇوڻ، نه مستان پاند پسائين."

(۲) "صوفي صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
تنهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو."

"روح" ڪهڙي طرح "نفس" تي فتحياب ٿئي، تنهن لاءِ ضروري ڳالهه آهي "آپو" يا "خودي" وسارڻ

يا ”پاڻ ڇڏڻ“ يعني حق جي مڪ ۾ رهي نفساني خواهشون قبول نه ڪرڻ.

(١) ”آءٌ مين اڻ ٻار، ڪڏهن تان ڪونه ٿيو
هيڪڙائيءَ وٽ هار، هنجون جي هڻن جون“

(٢) ”جان جان پسن پاڻ کي تان تان ناهه نماز،
سي وڃائي ساز، تنهان پوءِ تڪبير چئو“.

(٣) ”لائي خنجر لا، جئو هن خنجر کي هڻ،
سڌن جون سڄ ڇوي وڏون سي وڪڻ،
ٻيو پزوڙي آڻ، ته هاڻ ۾ ڏوري وهڻ.“

پاڻ وساري ڇڏڻ يعني نفساني خواهشون قربان ڪرڻ مشڪل ڪم نه آهي، انهيءَ لاءِ وسيلا کپن.

(١) عشق (٢) رياضت يا مجاهده (٣) ڪامل مرشد

عشق اها سچي محبت آهي، جا عاشق کي معشوق کان ٻيو سڀ ڪجهه وساريو ڇڏي.

١- ڇاڻي مجاني، وهان ڪٿان مات ڪري؟
اندر آگ عشق جي اهڙ آڏانسي،
العشق نار الله الموقده، ڪوري جنهن ڪاٿي،
آهي آڙياڻي، ٻيو مرتيون مڇهي ڪينڪي.“

٢- ”پاڻ ۾ ڪيئي پاڻ مين، رڳي سيلي وانءِ،
تنهن ڳنهندي ڻانءَ ونئن پرينءَ جي پار ڏي“

جسم جون آسائشون ۽ آرام ڦٽا ڪري ڏڻي تعاليٰ جي محبت ۽ يادگيري ۾ رهڻ آهي ”رياضت يا مجاهده“. رياضت ڪري روح اهڙو صاف ٿيو پوي، جو نفساني خواهشون ۽ جسماني سڀئي طرحين نمونن سان پاڻ ميٺگاريو اچيو اڳيان پيهن، ته به ان جي نظر ۾

نسبت معلوم ٿين ٿيون.

عشق ۽ رياضت جون منزلون جفاڪشي سان طئي ڪري سلامتي سان منزل مقصود تي وڃي پهچڻ اٺ چاڙ جو ڪم نه آهي، انهيءَ لاءِ ڪامل مرشد جي رهنمائي حاصل ڪرڻ ضروري ڳالهه آهي.

سيپا سپاهي، آهي آريءَ ڄام ري،
ڪڏهن پسي ڪانه ڪا رنبيءَ لالن لائي،
دور دل تان دور ڪري، ڪر ساڃهه صفائي،
من لا شيخ له فشيخه الشيطان ان ري اونداهي،
بلا شيخ من يمشي في الطريق [illegible]،
في البحر بلا سفينه آهڙي آهي،
تنهن ري نوائي ڪئي آهن ..."،

عشق جو مدار آهي حسن. حسن جي موجودگيءَ ڌاران عشق بي نور آهي. قدرت جا خاڪيل رنگا رنگي نظارا، جن جو هڪڙو جزو آهن. انساني ۽ صورت انساني سيرت، سي سڀ حقيقي معشوق جي سچي حسن جا ڏيکلا آهن. فطرت ۾ پکڙيل قدرتي حسن کي اندر جي نظر سان جاچڻ حقيقي عشق لاءِ ڏاڪڻ آهي.

المجاز قنطرة الحقيقت

(فطرت ۾ پکڙيل حسن جو عشق حقيقي عشق جو ڏنل خزانو آهي.

1- "حوصلو حيرت ۾ ڪري ڪين درڪ
جو حسن سندو حق، سو ڪور پروڙي ڪينڪي."
2- "ايڪ قصر در لک، سڀئين سندس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن سڄڻ سامهون.

روح جو جسم جي پڃري ۾ قائم رهڻ آهي جدائي وڇوڙو فراق يا دوزخ ۽ روح جو رب جي پاڪ ذات سان يڪرنگ رهڻ ۽ ساڻس وڃڻ آهي ميڙاپو يا ميلاپ يا وصال يا بهشت (دائمي سک) شاهه صاحب جي ڪلام ۾ ۾ جيڪو وڇوڙو يا ملاپ ڳايو ويو آهي سو اهوئي آهي.

## اخلاقي مضمون

روح کي نفس جي ڦندي مان ڇڙڻ آسان ناهي، تنهن لاءِ اخلاق ضروري آهي. جنهن ڳالهه کي "شريعت" سڏجي ٿو، سائي اخلاق جو سرچشمو آهي.

"ساري سڪ سبق، شريعت سندو سهڻي!"

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڇپي ڇپي تي اخلاقي نصيحتون ڏاڍي اثرائتيءَ عبارت ۾ ڪيئڏو ويو آهي ٿورڙا مثال هيٺ ڏجن ٿا:-

## عبادت ۽ ذڪر

(۱) "جي پاڻئين جوڳي ٿيان، ته پر ڪلهي جي ڏار،
پنجن سان پورو رهه، آيا ٿيهه نه ٿار،
تڏهين ڏاڳا ڏار، جڏهين راهه سڃاڻين رب جي"

(۲) "مان پڇني سپريں، چتان چرم لاهه،
پرين اکيان پاءِ، پلو مڱڻهار ٿين."

(۳) "جاڳن منجهان جس، آهي الله جن کي،
لاهي ٿو لطيف چئي، ستان قلب ڪس،
ورنه ڪهان وس، صبح سان سيد چئي."

## سچ اختيار ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڦٽو ڪرڻ:

"مان پڇني سپريں، چست ۾ چيتاريج،
ڪڏي ڪائي ڪچ کي ڪوڙ م ڪماءِج،

ونيچ وهائيج، سڀ سوداگر سچ جو."

## اخلاص يعني نيت جي اڇائي

٢ ١

تن ۾ تراز توهه جي گهٽو آهه گهوڙي،
ادب ۽ اخلاص جا سڙهه پلج سوڙي،
[illegible] جو تن ۾ پاءِ [illegible]،
ته عادتون آهي "ننڍيو توائي نه ٿئي."
(٢) "آدمي اخلاص، [illegible] ساڻو ڪيو،
ڪونه [illegible] ڪڏهين [illegible] [illegible] [illegible]،
[illegible] [illegible] هوندو [illegible]."

## صبر ۽ تحمل

(١) صبر ڪيو ڏک سهي، ڪانه ڪوري هوءِ، ٣
ان الله مع الصابرين آڳ اهين جوءِ.
(٢) [illegible] ڪيمندن ڪيو، هاريو هوڙن
چڪيو نه چوندن، هو جو ساٿ صبر جو.
(٣) [illegible] ڪسي نهار ٿيون، ڏسر [illegible]،
ڏٺي مانجائون، جي ايمن انهيءَ پير تي.

## نياز ۽ نئرت

(١) هيڪر [illegible] نه اوڏي [illegible] عجيب [illegible]،
هوته توهين ڪان هڏ [illegible] پاسي نه ٿئي."
(٢) هو [illegible] تون ۾ [illegible]، پاءِ [illegible] ان سين،
هو او [illegible] ڏيئي [illegible]، [illegible] ڏيئي [illegible].

---

(١) بڙي (٢) توڪل
(٣) ڏٺي تعالي صبر وارن ساڻ همراه آهي.

۱ ۲ ۳

(۳) قرب ڪبرياءَ، مــاءَ ملاقـــي نه ٿئي،
پوري اي پڙـــاءَ صوفيءَ جي صلح ۾

## جفاڪشي ۽ اورچائي:

(۱) "سوريءَ تي سو وار، ڏيهائي چنگ چڙهن،
جم ور جي چڏئين، سڪڻ جي پچار،
پرت نه پسين پار، نينهن جيائين نڪيو.

(۲) پتنگ چائين پاڻکي، ته چيري پئو چائي،
تان تان تانچ تاءَ ڏي، جان آڳ نه اجهائي،
وسه وهائي، آڳ نه ڏجي عام کي."

## دنيا کي چنبڙي نه پوڻ:

فاني ٿي فاني، دنيا دم نه هيڪڙو،
لئي لوڙهه لتڻ سين، جوڙيندءَ جاني،
ڪوڙ ۽ ڪاني، آهه سر سپ ڪنهن.

شاهه صاحب هر نموني جون اخلاقي نصيحتون پنهن جي ڪلام ۾ ڪم آنديون آهن. زال ذات پنهنجي پتار سان وفادار رهڻ ۽ پرينءَ ان جـي خير خواهي ڪرڻ (سر ساسوندي)، زال ذات جي سچي شرافت ۽ وطن جي حب (سر مارئي)، پنهنجي چڪ قبـول ڪري پڇتائـڻ (سر ليلان چنيسر)، مرداني سچي غيرت (سر مومل راڻو) پائرن جو قرب (سر گهاتو) وغيره وغيره.

## عاشقانو مضمون:

هن ڳالهه ۾ ڪو وڏاءُ ڪونهي، ته شاعري جو

(۱) خدائي وصال (۲) بهشت ۽ بزرگي (۳) ڪڏهن ...

## معشوق جو حسن:

(۱) ”پيشانيءَ ۽ پرينءَ جي، پلانيءَ جا پير،
اڳم آڪنڊين جي، ڏٺي پاپوهيو پير،
قمر پاڙي ڪير؟ شمس سپيرين سين.“

(۲) ”چنڊ! تنهنجي ذات، پاڙيان نه پرينءَ سين،
پلڪ پريان جي نه پڙين، جي حيلا ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ چمار، تهڙو دم دوستن جو.“

(۳) ”ڪشي نيڻ خمار سان، ناز ڪيائون نظر،
سورج شاخون جهڪيون ڪوماڻو قمر
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سان.“

(۴) ”جهڙا پاڻ پڻ، تهڙيون شالون سڻ سائيون،
عطر ۽ عنبير سان تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڻو مشڪ سين چوتا سانئ چندن،
سونهن رپي سون مين سدا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين لعل لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهه مرڪيس من سوڍي سين سنگ ٿيو.“

## معشوق جي جفا ۽ عاشق جي وفا.

(۱) ”صورت گهڻو سهڻا، ڏاڍا سندن ڏوهه،
ريلو ڏئي روح جو ڪاٿي سو ڪامي مري.“

(۲) تون صاحبزادو سپرين، آءٌ نمورو نوڪر،
بي خد ڪريان بندگي، هٿ ٻڌي حاضر،
چڻ ڇڏيندس ڪينڪي دوست اوهان جو در،
دون تان مهر نظر پرين لاهه م پنهنجي.“

(۳) ”هوڏ ڇڏي هوڏڙي، جي سان گهر اچين سپرين،
ڳالهيون ڳجهه اندر جون، تن گهريون توڏي،
جي وهڻ گڏ گوڏي، ته ڏور مٽائڻ دل جا.“

## عاشق تي ڇٽڻ ۽ اٿڪاءُ

(١) ”پورب ٿي مارياس، ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
متيون ڏينديون لوڪ کي، ڇري پاڻ ٿياس،
جنهين نه جيهاس، مون لڳي تن مان.“

(٢) ”ڪڪي هاٿيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٿا ڇڇ،
ٻانڌ جڻ جي ٻانڌ سين لڳو، ٿئي لڄ،
سمو ڇام سهڄ، اپو ڪري ان سين.“

(٣) ڪرڪي ڪپر، ڪاءِ نانگ مٺارو نڪري،
آيي جو اوناءِ، مر پر سندي سڄڻين.“

(٤) خبر ٿي ڪرن کي ته مون کي ڪندا ڪوهه؟
صورت سپرين جي، ڏٺي ڪونهي ڏوهه،
لوري لڳم لوهه، جنهين رت رتاويو.“

(٥) ”الله ڪرجين، مدي جن جي مون ۾،
اسان ۽ پرين جون اسيدون پسن،
تنهان پوءِ مرن، مڙئي انهيءَ مور ۾.“

عاشقاني مضمون جا تفصيل وار پاڳا مر سهٽي، سر
آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني ۽ پيروي
موسل رائي ۾ بيان ٿيل آهن.

## فطرت نگاري يا طبعي مضمون:

فطرت يا سرشتيءَ جا نظارا ڪنهن به روشندل شاعر جي لاءِ ڪشادو ڪتب خانو آهي. شاه صاحب انهي ڪتب خاني جي هرهڪ ڪتاب کي اندر جي اکين سان مطالع ڪيو هو. قدرت جو پکڙيل حسن ئي آهي، جو حقيقي حسن ڏانهن روح کي رجوع ڪري ٿو ۽ حقيقي حسن جي پاڪ هستي بابت پکو ويساه ڄمائي ٿو. انهيءَ

متيان په بيت مثال طرح ڏنا ويا آهن. انهن ۾ سنسڪرت بنياد وارا لفظ پڻ آهن جهڙوڪ اکر ڀون، ٻجهن، سچي ۽ ڏوهه. سنڌ جي طبعي (پراڪرت) ٻوليءَ جا لفظ به موجود آهن، جهڙوڪ ڪوهه، ڳاهه ۽ وترا، ۽ عربي ٻوليءَ جا لفظ به آهن جهڙوڪ قلوب ۽ ورق، مگر انهن ۾ اهڙو ڪوبه لفظ ڪونهي، جو ڪنهن هندو يا مسلمان کي سمجهه ۾ نه ايندو هجي.

سڀڪنهن ٻوليءَ جو اهو دستور آهي ته جئن جئن حڪومتون وينديون آهن مٽبيون سٽبيون، ۽ نوان نوان لفظ ۽ محاورا ويندا آهن ڪتب ايندا، تئن تئن اصلوڪا پراڻا لفظ ۽ محاورا ويندا آهن گم ٿيندا. شاه صاحب جي گذريءَ هينئر ٻه صديون ٿي ويون آهن، تنهنڪري سندس ڪلام ۾ ڪم آيل ڪيترائي پراڪرت لفظ هينئر ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪم ڪونه ٿا اچن، ۽ ڪيترن ئي سنسڪرت ۽ عربي خواه پارسي لفظن جون صورتون اهڙيون مٽجي ويون آهن، جن جو بنياد صحيح ڪرڻ مشڪل ڪم آهي.

(۱)

اڄ ٻڌ "اهارو" چوڏهين ماه چنڊ جو

(۲)

من ۾ پاري مچ، "جم" وڃني "اوهري"

(۳)

ڪر هو نڪي "ڪان"، پيرين آءٌ نه پڄني

(۴)

"سگهر" سوناٿون. ٿيا رحمان مين

(٥)

## اسان اڏارا آنــــي "اونـــگ چـــاڙهيا

مٿين مثالن ۾ (١) "اماروُ" = نرواري، پٽراڻي، (٢) "جم" = مٿان، (٣) "اووهرڻ" = کسڪي وڃڻ، تکي وڃڻ. آهي اهڙن جهڙن پراڪرت لفظن جا مثال آهن، جي اڄ ڪلهه جي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ نٿا اچن.

"ڪان" اصل سنسڪرت لفظ آهي "ڪانڊا"=گهوڙو پر سنڌس اهڙي صورت سنجهي ويئي آهي، جو ان جو بنياد لهڻ آسان نه آهي.

اهڙيءَ طرح "سگهر" (رستو) اصل ۾ عربي ٻولي جو لفظ آهي "ٿهر"، "آونگ" برتن يا ٿانءُ) اصل ۾ پارسي اصل ۾ پارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي "آوند".

ڪيترائي سنسڪرت، عربي ۽ پارسي ٻولين جا بگڙيل لفظ جي شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن، سي سنڌس زماني ۾ ني اهڙين بگڙيل صورتن ۾ ڪم پيا ايندا هئا ۽ انهن مان ڪيترائي لفظ اڄ تائين به ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪم پيا اچن ۽ صاف سنڌي پيا ڀانئجن.

## شاه صاحب جي ڪلام ۾ شاعراڻيون خوبيون زباندانی

زباندانی يعني ٻوليءَ جي واقفيت شاعر لاءِ ضروري خوبي آهي. شاه صاحب سنڌيءَ ٻوليءَ جو نه نهايت قابل ڄاڻو هو، پر عربي ۽ پارسي ٻولين ۾ به ماهر هو. عربي آيتون ۽ گفتا پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ موقعي موقعي تي اهڙي طرح ويو آهي جڙيندو جو، جڻڪ

عربي ۾ ڪا مادري ٻولي هيس. حيرت انگيز قابليت
هيءَ ڄمبي جو قرآن شريف جي آيتن، حديث شريف
۽ عربي مقالن کي پنهنجي سنڌي مضمون جي مراد سان
اهڙيءَ طرح ملائيندو ويو آهي، جو ڱويا انهن آيتن،
حديثن يا مقالقن جو تفسير ٿو بيان ڪري.
مثال:-

(١) آڳي ڪيا اڳهين نسورونئي نور
"لاخوف عليهم ولاهم يحزنون" سچن ڪونهي سور
مولي ڪيو معمور، انگ ازل ۾ ان جي.
سر ڪلياڻ

(٢) سوت سند نه آهي، طالب تنيو تڪڙا
٢
"عجلوا ابا التوبه قبل الموت" ريرم لاهي
پريان ڪارڻ پاڻ کي، سگهو ويهه سنباهي...
سر آسا

(٣) "قيدالماءَ" ٿيوم، هت اڙانگي گهاريان،
٣
"هماڪ جسمي والقواد لديکم" هنيون هت سندوم
قادر شال ڪندوم، ميڙانو سڀن مارئين!
سر مارئي

پهرئين بيت ۾ قرآن شريف جي هڪڙي آيت جا ڇويان
لفظ ڪم آندا انس، اڳيان ۽ پڇيان ٻه مصرعون اهڙيون
جڙي ڇڏيون انس، جو ڱويا ساري آيت جو مطلب
بيان ٿي چڪو آهي.

---

١- انهن کي دين توڙي دنيا ۾ نڪو خوف آهي
نڪو خطرو رهندو آهي. ٢- مرڻ کان اڳ گناهن کان
توبه ڪريو. ٣- جسم هتي آهم ۽ دل توهان وٽ.

ھئي بيت ۾ گناھن جي پڇتاءَ واري حديث شريف
جا لفظ ڏيئي سائين ڏانھن سچي حب رکڻ جو سبق
سيکاريو. ٽئين بيت ۾ ھڪڙي عربي مقالي کي ساوڻي
جي حال سان ٺھڪائي ڦھڪائي پيھاريو اٿس.

سر ڪلياڻ جي ٽئين داستان جي پھرين وائيءَ ۾
ھڪ پارسي سٽون شاه صاحب پنھنجون ڪم آڻي پوءِ حافظ
شيرازي جي غزل جون مصرعون ڪم آنديون ويون
ھن. جئن تہ :-

شيشہ را پر ڪن و بردار بيا
جام را پر ڪن و برخير بيا — شاه صاحب
ساقيا برخيز در دہ جام را
خاڪ بر سر ڪن غم ايام را
بادشاه در دہ چند زين باد غرور
خاڪ برسر نفس نافز جام

گويا وائي جو ٽل پنھنجو گڏيدي مصرعون حافظ
صاحب جي غزل جون ڪم آنديون اٿس.

"سر بروي ھندي" جي ڀڄاڙيءَ ۾ مثنوي شريف
جا بيت ۽ ثنائي شاعر جي پارسي غزل وائيءَ طرح
ڪم آيل آھن، ان سان ھہ ثابت ٿئي ٿو تہ شاھ صاحب
کي پارسي زبان سان خاص دلچسپي ھئي.

ھندي ٻوليءَ جو تہ شاه صاحب پورو پورو ماھر
"سر بروي ھندي" جنھن ۾ رڳا ھندي بيت آھن سو
جيتوڻيڪ ساروڻي شاه صاحب جو ناھيل نہ آھي، چاڪاڻ
جو ٻين فقيرن جا بيت ان ۾ نالي سان نروار ٿيل آھن
ھندي وايون بہ ڪن ڪن سرن ۾ شاه صاحب جون

پنهنجون ڏنيون آهن. جهڙوڪ سر ڪلياڻ جي ٻئين داستان جي پڇاڙي ۽ سر سورٺ جي داستان چوٿين جي پڇاڙيءَ واريون وايون.

سرائڪي ٻوليءَ ۾ سر "هير رانجهو" لکيل آهي ۽ بلوچڪي ٻوليءَ جا ڇهڇٽو سر ديسيءَ جي فصل ستين ۾ چڱا ڏيکاريل آهن. پنجابي ٻوليءَ جون ڪي وايون به شاه صاحب ڪم آنديون آهن. جهڙوڪ سر سارنگ ۾ ڏنل آهن.

سنڌي ٻولي ته شاه صاحب اهڙي مٺي ۽ وسيلي ڪم آندي آهي، جو ڏک پري پنجي ته ڏؤ نه ٿئي. جهڙي نموني جي ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيو اٿس تهڙي نموني جي ٻولي ڪتب آندي اٿس.

## فطرت جو اڀياس ۽ فطرت نگاري

قرآن پاڪ ۾ خدا تعاليٰ فطرت يعني سرشتي جي اڀياس جو هنڌ هنڌ تي تاڪيد فرمايو آهي. انسان جي وجود ۽ بناوت تي ويچار، آسمان ۽ آسماني جسمن جي ڪاروواين تي ڌيان، سرن، پکين ۽ جيتن جي ڇرڇر تي خيال، جبلن، ندين، ڍنڍن ۽ ڍورن جا نظارا، وڻن ٻوٽن ۽ گاهن تي غور ئي فطرت جو اڀياس آهي، جنهن جي وسيلي خدا تعاليٰ جي پاڪ هستيءَ تي يقين ڄمي ٿو ۽ سندس قدرت، ڪاريگري ۽ ڪرم تي انسان جو روح قربان ٿئي ٿو.

شاه صاحب جو ڪلام ڏيکاري ٿو ته فطرت جو اڀياس شاه صاحب تمام چڱيءَ طرح ڪيو هو، تنهن ڪري ئي قدرت جا نظارا اهڙي دلچسپ نموني ۾ بيان

پن سمنڊ ۾ شاه صاحب گويا درياءَ جي تصوير نها
چٽائيءَ سان ڏيکاري ڇڏي آهي.

هائي اڇي ٿو سيرت تي:- ”ماندارين تـــرڻ ۽
تارو ماڻهو جن کي درياءَ جو ڪو ڀؤ نه رهندو آه
سي به درياءَ جو دهشت ۽ تيزي ڏسي پنهنجيون سيٽاهيو
جهلي ويهي رهيا. دريـــاءَ ۾ گهڙڻ لاءِ جاتي نه ڀ
جهلي سگهيا. مگر هڪ عورت سهڻيءَ جي فلڪ ۾ س
پريل جرئت ڏسو، جو ”پيارا ساهڙ تون مددگار ٿج
اهي لفظ چئي داسو پيٽ جي هيٺيان ڏئي گهڙي پئ
درياءَ ۾.

## بيت

پير ڪنيائون پر ۾ پيارين پهون،
منجهن ساٿيڪن تي وڏي ويرهون،
پاڻيو جر جندن ۾ ڪوڏان ڪن ڪهون،
ڏيهان ڏينهن نٿون، مونکي ورهه ويڙيچن جو.

”برسات نه هجڻ جي حالت ۾ ٿر جا ماڻهو پو:
۾ ڪوئيل کوهن تي پڪرين کي پاڻي پيارينداآهن
اهي کوهه ساٺيڪا يعني سٺ گـــز کن هيٺ (تما
اونها) هوندا آهن. جوان ڇوڪريون يا زالون صبح ج
سوير پاڻي کڻڻ ويندڙيون آهن ۽ جند جهڙيون ڳريو
چڙهيون شوق سان ٻوڙون پاڻي انهن کوهن مان پاڻ
پري ڇڪي ٻاهر پيون ڪيڏنديون آهن. انهن ساهڙين ۽
عزيزن جي اڪير مون کي نٿين سج نئين دل ۾ پئد
پيدا ٿئي.“

مٿئين بيت ۾ شاه صاحب پنهنجي ڪـلام ۾ انڌا

ٿورا ۽ سادا ڪم آندا آهن، پر انهن ٿورڙن ۽ سادن لفظن ۾ مارئي ۽ ان جي ساهيڙين جي سيرت جو نقشو تمام ڪشادو ۽ دلچسپ چٽيل وڃي پار پيو آهي. فطرت نگاري ۽ سيرت نگاري جي مثالن جي شاه صاحب جي ڪلام ۾ ڪمي ڪانهي. فقط غور سان سندن ڪلام کي مطالع ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## ديس جي رسمن رواجن جو اڀياس

سنڌ ديس جي اهڙي ڪا قوم ڪانه هئي، اهڙو ڌنڌو ۽ رسم رواج نه هو، جنهن جو شاه صاحب غور جي نظر سان اڀياس نه ڪيو هجي ۽ انهي ڌنڌي يا رسم رواج مان روحاني سبق نه پرايا هجنس.

صراف، وينجهر، سونارا، لوهار، رنگريز، ڪوري، ڪاماڻي، ڪتيندڙ، راڳيندڙ، ڪاتب، درزي، ڳتيوال، سوداگر، ملاح، سوالي، مهاڻا، سڄي وڪندڙ، پکين جو شڪار ڪندڙ جهنگ، جي جانورن جو شڪار ڪندڙ زنانيون رسمون ۽ رواج، مطلب ته شاه صاحب جي ڪلام ۾ اهي نڪتا ڏسي، ڪيس ”هر فن مولا“ سڏجي ته به وڌاءُ نه آهي، حالانڪ هو فقيرن ۾ به سچو فقير هو: نموني خاطر هتي فقط به ٽي مثال هيٺ ڏجن ٿا :-

(۱) ”ڪاتب لکي جئن لايو لام الف سيج،

اسان سڄڻ تئن، رهيو آهي روح ۾

جئن ڏينهن چاپ خانه ڪين هئا تئن ڏينهن سڀ ڪتاب ڪاتب پنهنجن هٿن سان لکندا هئا. عربي صورت خطيءَ ۾ ڪاتب ”ل“ سان ”الف“ هن طرح

ملائي لکندا هئا: ”لا“. (٥)

انهن ۾ اکرن جي ملاوت اهڙي ٿيو وڃي، جو کوبه سنڌو وچ ۾ نه ٿو اچي. ”روح“ ۽ ”رب“ جي ملاوت هڪڙي غير محسوس حالت آهي، پر ڪاتب جي ”ل“ ۽ ”الف“ جي ملاوت جو مثال انهيءَ غير محسوس حالت کي ”محسوس“ بنائي ڏيکاريو.

انهيءَ مان ثابت ٿيو، ته شاهه صاحب هوشيار پڙهيل ماڻهو هو، جنهن ڪري ڪاتب جي زندگي کي باريڪ بيني سان ڏٺي، ان مان روحاني سبق حاصل ڪيو ائين.

(٢) ”جنءَ تو ءِ ۾ چڻ، پاءِ اميري ان سان.“

مٿين بيت ۾ شاهه صاحب ڪورين جي زندگي مان سبق پرايو آهي. جڏهن اڏي ۾ ويهي اٽندي ڪا تند ٽٽي پوندي آهي، تڏهن ڪوري چپٽيءَ سان اهي ٽٽل تندون ڳنڍي پنهنجي اڻاوت ۾ لڳو رهندو آهي. اهڙي ڳنڍ کي سڏبو آهي ”اميري“.

شاهه صاحب جيڪڏهن ڪورن جي اڻاوت جو ڪم غور سان نه جاچي ها ته جيڪر اهو عجيب روحاني سبق اهڙي اڻ لڀ مثال سان ڪين بيان ڪري سگهي ها.

(٣) وڃي جي رينو ٿيا، ڪين اپائڻ اوءِ،
ڪنهن نه ڪاري تنهن کي جو هالاري هوءِ،
توڻي ڌوبي ڌوءِ، ته به لالي تن نه لهي“.

هن ڪلام ۾ شاهه صاحب ونگريزن جي هنر جاچڻ مان سبق پرايو آهي. جنءَ هن وقت ”گهوٽ“ ڪنواريتن

پاڇاهي نـہ ياڙيان، سرتين سمّيءَ ساڻ،
ڏکي اگهاڙن کي، ڪين ڏيکيائين پاڻ،
پيهر ڇاپي ڇاڻ، ابر جي اوصاف ڪي.

ڪپڙن سڀڻ جي سمّي ڪنهن نـہ ڏني هوندي؟ پر
سمّيءَ سان سبق پرائڻ ڏانهون ڪنهن جو خيال نـہ
ونـہ ڊوڙندو آهي.

شاه صاحب مارئيءَ جي زبان ۾ چئي ٿو تـہ "سنهن
ون سرتيون، جا سمّي ڪتب آڻين ٿيون، تنهن سان
، ڪنهن بادشاهيءَ کي برابر ڪري نـہ ٿي سمجهان،
ڪاڻ جو ڪيس پنهنجي پـاڻ ڏيکڻ جـي پرواه نـہ
انهي، تـہ بہ ڪپڙا سڀ پين اگهاڙن کي پيئي ڏيکي
انسانا تون پاڻ ماري پوءِ جيئرو رهنديـن تڏهين
يءَ نڊڙي سمّيءَ جون وصفون پروڙي سگهندين.

چا لڳي سمّي تـہ چـــا ان بابت شاهہ صاحب جي
د خيال!

## سوز ۽ اثر

سوز آهي دل جو درد. شعر آهي شاعر جـي دل
، اندروني تصوير يا هنجن جو پاڻي. جيتري قدر
اعر جي دل جو درد هوندو، اوتري قدر سندس ڪلام
سوز سمايل رهندو. سنڌ جي ڪنهن بہ شاعـر جي
ڪلام ۾ ايترو سوز نـہ آهـــي جيترو شاه صاحب جي
ڪلام ۾ آهي. صديون گذري ويون آهن، تـہ بہ شاهہ
احب جي ڪلام ۾ سوز تازو ئي رکيو آهي.

شاهہ صاحب جنهن طرز ۽ طريقي سان پنهنجو ڪلام
ڻ گايو هو، اها طرز ۽ طريقو اڄ ڏانهين پناڻي فقيرن

"سنهي سٺيءَ سيبيو، بون ٻاروءَ سين ساھ،
ويٺي ساريان سوسرل ڳولاڙا ۽ ڳاھ،
هنيون منهنجو هت ڏيو، هت سٺي ۽ ساھ،
ٻکڻ منجهه ٻساھ، قالب آهي ڪوٺ ۾."

لفظن جي جڙاءَ بہ نسبت شاه صاحب جو ڪلام اهڙو پختو آهي، جو سنڌي ٻولي جي گرامر جا اصول ئي شاه جي ٻوليءَ کي مثال طور اڳيان رکي پوءِ ٺاهيا ويا آهن.

ساڳيو مطلب جدا جدا لفظن ۾ ادا ڪرڻ تہ شاه صاحب جي ڪامل ذهن جو ئي شيوو هو. "روح" ۽ "رب" جي تعلق کي ڪٿي سهڻي ۽ سيهار جو لباس ڍڪايو اٿس، تہ ڪٿي ڳنڍيءَ ۽ چام تماچيءَ جو، ڪٿي سمنڊ جهاڳيندڙ سوداگرن ۽ سندن وفادار زالن جو پوش پهرايو اٿس تہ ڪٿي مڱڻهار ۽ سپڙ سخيءَ جو وغيره وغيره. شاه صاحب هڪڙيءَ شئي کي جدا جدا نالن ۾ بيان ڪرڻ جو ڪارستان هو. مثلا وڏو ڦڙو مينهن وسڻ، اڳوندرو آب وسڻ، جهڙن جو جهونگارڻ، سارنگ جي طرفان سار لهڻ، صراحيون پلٽڻ بادل وسڻ جهڙ ڦڙ جو جهات ڏيڻ وغيره لفظ "برسات پوڻ" بابت ڪم آندا اٿس.

چانگي، ليڙو، سيوو ڪرهو، توڏو ڪنوات، ناقو، ڳئونرو، ڏاگهو، مهري، ٻردو وغيره نالا هڪڙي "اٺ" لفظ جي بدران ڪم آندا اٿس.

جنبور، ڪاراٺل، سگ، سونيڙو، ڪلاب اهي نالا ڪتي لاءِ ڪم آندا اٿس.

"پاڻ" لفظ جي معنيٰ شاهه صاحب استعارهه طرح
ورتي آهي "نمهڻ" يا عشق."

## لفظي صنعتون

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ گهڻي ئي لفظي صنعتون
ڪم آنديون آهن، هت به ئي مثال ڏجن ٿا:-

### (١) صنعت تجنيس حرفي

"تجنيس" جي معنيٰ آهي، هم جنس لفظ ڪم آڻڻ
هم جنس لفظن جا ڪيترائي نمونا آهن.

(١) ساڳئي آواز سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ ٻئي
جي پٺيان رکڻ. مثال:-

"نائي ناهه ڪڪوهه ڪي ساهه سهانگو سنڌ،
سنباهج سيد چئي، ڪانڻ ڪارڻ ڪنڌ
هي تنهن جو هنڌ، ماڻڻ ٻاس مرن جي."

پهرئين بند ۾ لفظ "ن" جي شروعات وارا، وري به
لفظ "ڪ" وارا، وري ٻي لفظ "م" وارا، وري به لفظ
"س" وارا، وري ٻي لفظ "ڪ" وارا وغيرهه اها آهي
تجنيس حرفي.

(٢) به هم جنس لفظ ڪم آڻڻ جي صورت خطيءَ
۾ هوبهو هڪ جهڙا هجن، پر معنيٰ ۾ ڌار ڌار هجن،
انهيءَ صنعت کي "تجنيس تام" چوندا آهن. تجنيس تام
جي لفظي معنيٰ آهي پورا پورا هم جنس لفظ ڪم آڻڻ.

مثال "جتن" ڪج "جتن" جو آيا ڪي ايندا،
وٺي پنهون پنهنجو وڃان تو ويندا،
دم نه ديندا، سڏارينڊا ساڻيه ڏي."

(١) جتن - ديان (٢) جتن - جت.

(٣) "ور" ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور ۾ وڏو ڪيو.
نهاريندس نڪئي، بوڏن ڪاوڻ بر ......."
(١) ور – مڙس، پتاو، (٢) ور – ڏنگ، ڏنگائپ (٣)
ور – ڦيرو، پنڌ جو چڪر.
تجنيس تام واري صنعت شاهه صاحب جي ڪلام
۾ گهڻي قدر آيل آهي.

"هلندي هاڙهو منڍ "گسان" ڪين "گسان"
اهو تجنيس ناقص جو مثال آهي.
"رڃن ۾ رڙ تي، ڪر ڪرڪي "ڪونج"
نعرو منجهه "نڪونج" اي، تان آهه عشق جي
اهو تجنيس زائد جو مثال آهي.

## صنعت تضاد

۾ برخلاف معنائن وارا لفظ هڪ ٻئي جي پرمان
ڪم آڻڻ کي صنعت تضاد چئبو آهي. مثال:-
(١) "مٺو" مٺايان گهڻو، ڪڙو ناهه ڪلام."
"مٺو" ۽ "ڪڙو" هڪ ٻئي کان برخلاف معنائن
وارا لفظ (ضد) آهن.
(٢) "هونديان" هوت پري، اوڏو آهه اڻ هوند کي
"هوند" ۽ "اڻ هوند" هڪ ٻئي جا ضد آهن
(٣) نڪا "ابتدا عبد جي، نڪي انتها،
جن سي ڏسو سڀرين سي وڃڻ کي ويا.
• ابتدا – شروعات انتها – پڇاڙي اهي لفظ پاڻ ۾ ضد
آهن. صنعت تضاد به شاهه صاحب جي ڪلام ۾ گهڻي
قدر ڪم آيل آهي.

## معنوي صنعتون

لفظن جي معائن ۾ نزاڪت رکڻ کي چئبو آهي

معنيٰ آهي.

عبارتن ۾ شاهه صاحب تمام گهڻي قدر صنعت ايهام کم آندي آهي. مثلا جيڪي قصا ۽ آکاڻيون پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آنديون آهن. تن ۾ نالن ۽ لفظن جي ويجهي معنيٰ آهي ۽ اهي شخص ۽ ڳالهيون جن بابت آهي ۽ آکاڻيون ٺهيل آهن، پر ڏوراهين معنيٰ آهي روح ۽ رب جو تعلق ۽ انهن سان لاڳو حالتون.

## سنڌ جو پهريون موزون ڪيم وارو شاعر مخدوم عبدالروف ڀٽي ١٦٨٣ع

پيان پاڻي سنڌو زمزم، چڙيان احرام ات چوڙي
مديني مير وٽ سولا، ٽڪي پهچاءِ ڪنهن ٺوري

مجموعه مولود.

مخدوم عبدالروف جنهن جا ٺاهيل مولود ساريءَ سنڌ ۾ مقبول ۽ مشهور آهن سو برانن هالن وارن ڀٽي بزرگن مان هي.

مخدوم عبدالروف پنهنجو مشهور شعر مولودن ۽ مداحن ۾ چيو آهن، اڄ تائين ساري سنڌ ۾ مشهور آهن ۽ هر هنڌ ڳائڻ ۾ پيون اچن. هن بزرگ مولودن ۾ حضرت صلعم جي ساراهه ۽ سڪ سان گڏ مديني منوره ۾ وفات ڪرڻ جي خواهش ته تمام گهڻي قدر ڏيکاري آهي. خدا تعاليٰ سندس مراد به پوري ڪئي. هڪڙو ڀيرو هو حج ڪري پنهنجي وطن موٽي آيو ۽ ٻئي ڀيري حج ڪرڻ ويو ته مدينه منور ۾ سن ١١٦١ هه برابر ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين.

مخدوم عبدالروف وفات ڪرڻ وقت ستر ڪن سال جو هو. کيس اولاد ڪونه هو.

ٺهيل آهي.

ٽل- محمد ڏسي من ناريان- جنهن لا اڪنديو آهيان

سيد ڏسي مڪ لاهيان- جنهن لا اڪنديو آهيان

هيٺيون مولود شريف "بحر رمل مثمن محذوف" تي ٺهيل آهي.

ٽل- دل ڪسي وٺين دوست دلبر چاء چشمن ناز سان

مخدوم صاحب مرحوم جي مولودن وارو ڪلام

قافيه ۽ بندش جي لحاظ سان بلڪل پورو ۽ دلچسپ آهي.

## مخدوم محمد ابراهيم ٺٽي ١١٦٠ع

مخدوم محمد ابراهيم هالن پراڻن جي ٺٽي بزرگن مان هو ۽ مخدوم عبدالروف جو سڳو ڀاءُ هو. هي شريعت جو صاحب هو. ان وقت مذهبي مسئلا جي عربي ۽ پارسيءَ ۾ ٿي هوندا هئا سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ جو چاه ۽ ذوق سنڌ جي عالمن ۾ گهٽ قدر هو. مخدوم ابراهيم به پراڻي سنڌي نظم ۾ هڪڙو ڪتاب لکيو آهي جنهنجو نالو آهي "محمد ابراهيم جي سنڌي" مخدوم پنهنجي سنڌيءَ ۾ نقط ٽي سئو پنجاه ضروري مسئلا لکيا آهي.

مخدوم محمد ابراهيم صاحب جي سنڌيءَ ۾ به سندس همعصر عالمن جي تصنيفات وارو ڏوهيڙو ڪم آيل آهي. هن جي ڏوهيڙن جي ترتيب اهڙي رکيل آهي جهڙي مخدوم محمد هاشم صاحب ٺٽوي جي "زادالفقير" ڪتاب ۾ ڪي ڏوهيڙا ٻن مصرعن وارا ته ڪي ٽن، چئن يا وڌيڪ مصرعن وارا آهن.

# مولوي محمد حسين

## تصنيف جو سن ١٧٦٣ع

قصص الانبيا اصل ڦارسي ۾ ٺهيل آهي جنهن تان مولوي محمد حسين مرحوم هجري سنه ١١٧٧ ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌس نالو رکيو آهي ”سير بستان“ (باغ جو سير).

مولوي محمد حسين مرحوم جي سوانح عمريءَ جو پورو پتو ڪونهي. مگر ايتري پڪ آهي، تہ هو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمت الله عليه جو ڪو هم عصر هو. مخدوم محمد هاشم عليه الرحمتہ جي وفات کان نقط ٽي سال پوءِ مولوي محمد حسين مرحوم قصص الانبياءَ جو ترجمو ”سير بستان“ تيار ڪيو هو. انهيءَ ڪتاب ٺاهڻ بابت مصنف پاڻ هيٺين ٺو فرمائي:-

ڪتاب جي شروع ۾:-

”خالق مڪيون خبرون سچي سعد ڏاڍهن،
پر ڪين سمجهن تن کي جي آهي عوام،
مگر خبرون ڏين تن کي، جي سگهورا علماءَ،
تڏهين هنئين ۾ حسين جي هي آيو خيال،
تہ لکي ڪريان پڌرا قصا نبين جا،
سنڌي وائي سهڪال، سي ڪريان بيانان.“

ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾:-

تمام ٿيو نسخو سنڌي جڙي هي سهڄال،
هٿان هن ضعيف جي فضل ساڻ خدا،
پورو ٿيو شعبان ۾ ڪارهن ماہ ڏيا.

ڪتاب ۾ سيني نبين جا قصا مفصل طرح ڏنل آهن.

حضرت آدم کان وٺي، حضرت رسول مقبول محمد صلي الله عليه وسلم تائين قرآن ۽ حديث موجب نبين جون ڳالهيون ۽ انهن مان اخلاقي نتيجا چڱيءَ طرح سمجهايل آهي.

نظم جو نمونو:

قصص الانبيا جو نظم تمام سادو آهي، شروعات ٻان وٺي پڇاڙيءَ تائين يڪو قافيه ”آ“ هليو اچي جنهن فرائض الاسلام ڪتاب ۾ آهي. مصنف جي ٻولي ۽ عبارت به اهڙي آهي، جهڙي ٺٽي جي عالمن ابوالحسن مخدوم هاشم ۽ مخدوم عبدالله جي.

## مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۱۷۳۹ع

سنگ سرهه رب جو پيا سنگو سور ڏين
ساراه سنگ صاحب جو پٺون هٿ ڏونجن

”تفسير“

مخدوم عبدالرحيم شهيد گرهوڙي تفسير، حديث ۽ فقه جو زبردست عالم ۽ نقشبندي طريقي جو متشرع صوفي هو سندس والد صاحب يا ٻين وڏن جا نالا معلوم نه آهن، مگر ايتري تسلي آهي ته سندس مائٽ مگريه قوم جا وڏا زميندار هئا. هي بزرگ سنه ۱۱۵۲هه ۾ ڄائو هو. مخدوم صاحب پنهنجي ڪلام ۾ به ڪٿي پاڻ کي ”عبد“ ڪٿي ”عبدالرحيم ته ڪٿي ”مگريو ته ڪٿي گرهوڙي سڏيو آهي. جنهن ته:-

”ڄاڻ وڃايو ٿاڻ، ڪيترا راه گم ڪيو،
ان در مٿي ”مگريا“، پسان م ڪنج ساڻ،
روڄائي راڄاڻ، آهي ايوجهن جو“

ويو آهي.

ڀھرپائيں ”ايمان“ جي بيان کي ”ڪلمہ طيب“ جي معنيٰ کان شروع ڪري ٿو، ۽ معنيٰ کي بہ قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن سان ملائيندو پنھنجو حقيقي عشق ۽ مدني مرسل جي محبت کي نروار ڪندو وڃي پڌرو آهي.

”لاالہ الا اللہ آهي هيڪڙو جو موڙ مڙني جوءِ،
مچائڻ ۾ ان سندي عقل عاجز هوءِ،
سڀ ڪا صورت جوڙ تنهن پاڻ پراهون سوءِ،
سڀڻ ڏاران تنهن سري ان ري نہ سري ڪوءِ،
ان ري صورت نہ ٿئي، صورت ري سو هوءِ،
واحد پاڪ ورچ ڪان جئن نہ هوءِ ذروءِ،
جيڪي تنهن ري پوڄجي سو سڀ پاڪ ٿيوءِ“

ڪلام جو پيو ياڱو ”سنڌي ابيات“ آهن. اهي اهڙائي باقاعدي ڏوهيڙا آهن، جهڙا ان وقت جي درويش شاعرن جا آهن، جهڙوڪ:- قاضي قاضن، شاهہ ڪريم، شاهہ پنائي وغيره جا ڏوهيڙا.

مخدوم گرهوڙي صاحب جي ڏوهيڙن ۾ بہ مضمون اهڙوئي نج طريقت ۽ عشق حقيقي جو آهي، جهڙو ٻين بزرگن جي ڏوهيڙن جو. مثال ٿورا ڏوهيڙا هيٺ ڏجن ٿا.

(١) حڏهن ڪين لڌوءِ، تڏهن لڌوءِ سپرين،
جانسين لهي نہ ڪين ڪي ڏانسين هوت نہ هوءِ
ان ربي علي صراط مستقيم رڌن راه اهوءِ،
نفي ۽ اثبات کان پرين پاڪيزوءِ،
لالڻ سنڌي لوءِ، تن ڏنافص ناهہ ڪو.“

(۲) سڪ روحانـي سـامين جسمي جـاهلن،
لـڳـڻ سچي سـن، پارس پسڻ ڪينڪي."
(۳) بلپل پـوءِ پچار، ملڪ ۾ ميثاق جـي،
ڪڪ پڻ ڪن اقرار، اسـين پـانها نون ڏئي.
(٤) عابد زاهد اوريـان عارف عـيـن سنگن،
هوءِ روادار رکـن جـا هـي هٿان هـٿ گهرن،
ساعت سـال چـون، پـسـن ڏاران پـرينءَ جي.

نظم جو نمونو

مخدوم گرهوڙي جي ڪلام جو پهريون ڀاڱو ڏکڻ ۽ سادن قافين وارو آهـي، جهڙو "فرائض الاسلام، "ڪنزالعبرت وغيره جي ڪتابن ۾ ڪم آيل آهي. مگر ٻيو ڀاڱو سنڌي آبيات باقاعدي ڏوهيڙن يا بيتن ۾ چيل آهي. انهيءَ ۾ قاضي قاضن جـي بيتن، شاه ڪريم جـي ڏوهيڙن ۽ شاه ڀٽائي جي بيتن جا سبب نمونا سمايل آهن.

ٻولي ۽ عبارت

گرهوڙي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ اها صاف ۽ سلوڻي سنڌي ڪم آندي آهي، جا شاه ڀٽائي صاحب يا صوفي صديق صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪتب آندي آهي.

مخدوم گرهوڙي صاحب جي ڪلام جا جيڪي ٻه ٽي دستخط نسخا نظر چڙهيل آهن، تن ۾ سنڌي صورت اها ساڳي آهي، جهڙي مولوي ابوالحسن مرحوم جي "سنڌي" ۾ آيل آهي.

پابندي ڇڏي ڏنائين ۽ (استغراق) جي حالت ۾ پيو هوندو هو. طبلي، سارنگي يا ٻئي ڪنهن ساز تي هٿ لڳندو هو، ته فقير صاحب بيخود ٿي ويهندو هو، مٿي جا وار ڪڙا ٿيو ويندا هئس ۽ اکين مان پاڻي جاري رهندو هوس. شعر به انهيءَ حال جي حالت ۾ چوندو هو.

فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ به ڪيترن ئي هنڌن اهڙي بيوسيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جئن ته:-

ٿل - هو ڪهڙي وات ويام -

آءٌ تان گهوٽ رهيس سڀ گهولي

(آخرين مصرع)

سچل آءٌ تان ٿاهيان، پوءِ ساري سڌ پيام،

ڏو پاڻ پاروچو پولي (ڪافي نمبر ٢٥٠)

سچل فقير شاهه پٺاڻي وانگر وڏا وڏا سفر ۽ مسافريون ڪين ڪيون هئرن: هو فقط روهڙي، سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي تائين ايندو هو ۽ جتي منزل انداز ٿيندو اتي فقيرن ۽ صحبتين جا ميڙا لڳيو ويندا هئا.

فقير صاحب نوي ورهن جي ڄمار ۾ تاريخ ١٤- رمضان مبارڪ هجري سنه ١٢٤٢ع مطابق ١٨٢٩ع درازن ۾ وصال ڪيو.

تصنيفات:

جنهن زماني ڪان وٺي سنڌ جي شاعرن جا ڪلام ظاهر ٿي چڪا آهن، تنهن زماني کان وٺي اڄ تائين ٻئي ڪنهن به شاعر پارسي، اردو، پنجابي، سرائڪي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترو گهڻو ۽ اهڙي طرز جو شعر ڪونه چيو آهي جيترو سچل فقير چيو آهي. سندس

نظمي تصنيفات جو تفصيل هن طرح آهي:

١- آشڪارا (پارسي)
٢- راز نامه ”
٣- رهبر نامه ”
٤- گداز نامه ”
٥- تار نامه ”
٦- رسالو سچل فقير جلد پهريون (سنڌي ڪافيون ۽ غزل)
٧- رسالو سچل جلد ٻيو (سنڌي ۽ پنجابي ڏوهيڙا)

رسالو سچل فقير جلد پهرئين ۾ سنڌي، سرائيڪي، پنجابي ٻوليءَ جون ڪافيون، غزل جهولڻا ۽ ريختا آهن جن جو ڪل انداز (١٣٤٠) هڪ هزار ٽي سو چاليهه آهي. جلد ٻئي ۾ ڏهه سه حرفيون (پنجابي ۽ سرائيڪي ٻولي ۾) ١٩٥ پنجابي ڏهيڙا، مرغ نامو، جنهن ۾ ٢٥ ڪن سنڌي ڏوهيڙا آهن، وحدت نامو، جنهن ۾ ١٨٠ بحرعن وارو يڪو سنڌي ڏوهيڙو، مسميءَ جا بيت جي اڍائي سو ڪن سنڌي ڏوهيڙا آهن، ماروئيءَ جا بيت پنڌونا ٻه سو ڪن سنڌي ڏوهيڙا، سومل جا بيت پنجويهه ڪن سنڌي ڏوهيڙا، نوري ۽ ڄام تماچي جا منو سو ڪن ڏوهيڙا، روجهه بابت سترهن سنڌي ڏوهيڙا، يورب جا بيت اٺاويهه ڏوهيڙا، وحدت جا بيت پنجٽيهه ڏوهيڙا، حقيقت بابت پنجويهه ڪن ڏوهيڙا، جهولڻو مسمي ۽ پنهو بابت ٻئي جلد ۾ سه حرفين سميت ڪل يارهن سو ڪن ڏوهيڙا آهن.

اسين هت سچل فقير عليه الرحمه جي پارسي ڪلام کي ڇڏي فقط سنڌس ٻن رسالن تي تبصرو ڪنداسون

جنهن جو سنڌي ٻوليءَ سان تعلق آهي.

شاه ڀٽائي صاحب ۽ سچل سائينءَ جي ڪلامن جو مضمون ساڳيو ئي نج تصوف آهي يعني روح ۽ رب جو تعلق ۽ سچو عشق يا حقيقي عشق. مگر شاه صاحب جيڪي روحاني حقيقتون پردي ۽ پوش سان بيان ڪيون آهن، سي سچل سائينءَ بي ڌڙڪ ئي کليون ڪلائيون چئي ڏنو آهن. شاه صاحب جو ڪلام درد، سوز ۽ نماڻائيءَ سان ڀريل آهي، پر سچل سرمست جو ڪلام درد، ۽ سوز ۽ جرئت (جوش) سان ڀرپور آهي.

(۱) شريعت ۽ حقيقت:- شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جيتوڻيڪ طريقت ۽ حقيقت جو درجو شريعت کان مٿڀرو ڏيکاريو آهي، ته به شريعت جو ادب توڙ تائين رکندو آيو آهي، ۽ جيتوڻيڪ مڃيو اٿس ته خدا تعاليٰ جي راضپي ۽ وصال حاصل ڪرڻ جو وسيلو طريقت (روحاني عمل) ئي آهي، ته به جسماني عمل يعني روزن نمازن کي سهڻو ڪم ڪري سڏايو اٿس. جهڙن ته:

ساري سڪ سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتان تڪو وهي حقيقت جو حق،
معرفت مڙڪ، اصل عاشقن جو.

( ۲ )

روزا نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
پر او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

(شاه صاحب جو رسالو)

مگر سچل سرمست ”دين ۽ بيديني“، ”ڪفر ۽ اسلام“ جي وچ وارا پردائي عشق حقيقي جي آتش سان جلائي فنا ڪري ڇڏيا ئو.

## ڪافي نمبر ۴۹

اتي ڪفر نہ اسلام آهي سڄڻ ڪي سلام

۱- ڪڏهن ڏسي ڪينڪي اهو آرانئو آرام.

۲- مذهب مور نہ سچيان آءٌ مشرف سنجهہ سدام.

۳- قيد پيچي ظاهر ڏيان آءٌ جاري بيان جام

۴- هادي سائين پاڻ سچوءَ ڪي عشق ڪيو انعام.

(۲) روح ۽ رب جي وچ ۾ ڪوبہ ويڇو ڪونهي:-
شاه ڀٽائي صاحب بہ اها دعوا ڪئي آهي، تہ "آءٌ خدا آهيان"، مگر ڍوشڻ ۽ بردي ۾ جئن تہ:-

"ٻنهون هيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا."

مگر سچل سرمست بي ڌڙڪ چوي ٿو:-

## ڪافي نمبر ۴۲۹

ڀول نہ ٻئي ڪنهن ڀل، ڏون تہ آدم نہ آهين

لڪيو ٿو لاتيون ڪرين، جئن باغ اندر بلبل.

(۳) "سڀ ۾ خدا يا سڀ ڪجهہ خدا:- همہ ازاواست (سڀ ڪجهہ ان کان آهي) ۽ همہ اوست (سڀ ڪجهہ هو پاڻ آهي) انهيءَ صوفيانہ مسئلہ کي شاه صاحب بہ گهڻي قدر ڳايو آهي، پر نرم لفظن ۾ جئن تہ:-

سو هي، سو هو، ســـو اجل، سو الله

سر پرين سو پساه، سو ويري سو واهرو."

۱- "پاڻ ئي جل جلالہ، پاڻ ئي جان جمال

پاڻ ئي صورت ربءَ جي پاڻ ئي حسن ڪمال

پاڻ ئي پير مريد ٿئي پاڻ ئي پاڻ خيال

سڀ سڃوڻي حال، منجهاڻ ئي معلوم ٿئي".

سچل سائينءَ انهيءَ مسئلي کي نرالي ڍنگ ۾ ڳايو

• مثلن:-

# ڏي نمبر ١٢٣٦

سڀ ڪنهن صورت ۾ سهڙين،
سرتيون ري ساوي ڳالهه سليانئون.

١- ڏيو ٻاري سچ ڪي ڪائي ڪئن ڏنائون.
٢- ساڻ روشني سچ جي، ٻرجهي سچ پسيائون.
٣- وحدت ڪثرت ڪڙي جڏن سينهن ڦڙيون سوَوائون
٤- ”سچو“ سندي نانءَ ۾ اهڙي طرح اڏائون
سچل فقير پيا به اهي صوفيانه سڀ مسئلا پنهنجي

ڪلام ۾ بيان ڪيا آهن، جي قديم خواه جديد صوفي
ندا جدا رنگ ۾ ظاهر ڪري ويا آهن.

سچل فقير علم موسيقي يا سنگيت وديا جي سرن،
اڳين ۽ راڳڻين جي نظر تي ڪافي جا ڪيترائي نمونا
اهيا آهن. اهو ڪو ورلي سر، راڳ يا راڳڻي هوندي
بنهن ۾ سچل فقير هر قسم چون ڪافيون نه ڻاهيون
هن. وڏي خوبي اها آهي، جو ڪنهن به ڪافيءَ کي
ل جي مرضي موجب ڪهڙي به سر يا راڳڻيءَ ۾ ڳائي
سگهجي ٿو.

هڻ وقت تائين جيتري قدر سنڌي ڪلامن جي
تحقيقات ٿي سگهي آهي، تنهن موجب چئي سگهجي ٿو
نه سنڌ ۾ اڄ ڪلهه جيڪي ڪافين جا نمونا ڻاهڻ ۽
ڳائڻ ۾ اچن پيا، تن جو بانيڪار سچل سرمست ٿي هو
چاڪاڻ جو ان کان اڳ ڪنهن به سنڌي شاعرن ايترن
نمونن ۾ ايتري انداز ۾ ڪافيون نه ڻاهيون هيون.

غزل:-

سچل فقير جي رسالہ جلد پهرئين ۾ غزلن (موزو
ڪلام) جو انداز بلڪل گهڻو آهي. جيڪي سنڌي غ
آهن تن کي رسالہ ۾ "ڪافي" ڪري لکيو اٿس
جيڪي اردو يا پنجابي ٻوليءَ ۾ غزل آهن تنکي ريخ
نالو ڏنو اٿس.

ٻولي:

"سچل سائين" پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي ٻولي ا
ڪم آندي آهي، جا سنڌ جي سري يعني اوترئين ڀا
۾ ڪم ايندي آهي. شاهہ ڀٽائي صاحب جي ڪلام وار
سنڌي سنڌ جي ڪهڙي بہ ڀاڱي جو ماڻهو پڙهندو
ان کي اها پنهنجي ديس جي رواجي ٻوليءَ پيئي ن
ايندي، مگر سچل سائين جي ڪلام واري سنڌي ٻول
۾ نحوي ورجيسون سنڌ جي عام ٻوليءَ کان ٻيءَ طر
ڏسڻ ۾ ايندي، جهڙي اترادي ٻوليءَ جو دستور آهي
نموني خاطر بہ ٽي مثال هيٺ ڏجن ٿا:-

١- اوهان ڀاڄهون دلبر سائين آهيون اداسي "اسي
٢- سران ڏانا بر ناهيان پنهنجي "ڪڏ" قطارج ميا
٣- "ڪاٿئين پڙڻو پير ٿيو "ڪاٿئين ٻولي پار
٤- اڄ هوتڻ ريءَ هت هاڻ پيا ڪير سون لهن "ساران

مروجہ گرامر جي قانون موجب جڏهن زمان حا
۾ مزارع واري فعل جو فاعل ضمير متڪلم هوندو آه
تڏهن "آءٌ" يا "مان" لفظ ڪم ايندو آهي، مگر اتر
"مون" ڪم آئيندا آهن. سچل فقير پنهنجي ڪلام
آءٌ ۾ مان بہ ڪم آندو آهي، پر ڪيترن ئي هنڌ "مون
لفظ بہ ڪم آندو اٿس.

مثال:-

تنهنجي طالب آهيان محب "مون تان ميثاقي.
تنهن ڪان سواءِ حرف جر ۽ ظرف مڪان جا لفظ به اڪرادي ورجيس موجب ڪم آندا اٿس جهڙوڪ تہ:
ڪون- ڪان اوڏانهن اتان- ڏانهن- ڪان- مون منجهان. ڏون- ڏان، ڪاڏي جاڏي، تاڏي وغيره.

## سيد ثابت علي شاه

پهريون سنڌي مرثيہ گو ١٧٤٠ع

"ڪربلا رڻ ۾ قضا جڏهن موت جي بازار ڪئي،
جنس تيغ و تبر و خنجر آڻي رت انبار ڪئي."

سيد ثابت علي شاه اصل ملتان شهر جو ويٺل هو. شاه صاحب هجري سنہ ١١٥٣ برابر عيسوي سنہ ١٧٤٠ ۾ ڄائو هو. جڏهن پڙهڻ جيڏو ٿيو، تڏهن پهريائين آخوند عبدالرحمان وٽ ۽ پوءِ آخوند محمد الياس وٽ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين ۽ پوءِ سيد چراغ شاه وٽ پارسي پڙهيائين، جو پاڻ وٽ پاڙهيندو هوس. ثابت علي شاه مرحوم پاڻ پنهنجي احوال ڏيندي پنهنجي هڪڙي شعر ۾ چيو آهي:-

"هڪڙي ڏينهن مون کي سبق وسريو ۽ ان کي ٿيو ڏمر،
ان هنيو مون کي تماچو، مون ڪون رت قطرا وهيا،
ان تماچي جو هڻڻ مون علم پاڻي جان پيڻ، آن،
تماچو هئي هدايت، بل عنايت تي عطا."

سيد ثابت علي شاه مرحوم کي ننڍي هوندي مداحون ۽ منقبت ياد ڪرڻ جو گهڻو خفت هوندو هو. جيتوڻيڪ

نہ ٿا سمجهون تہ ان جو ذڪر ڪريون.

سيد ثابت علي شاه جيتوڻيڪ گهڻن ئي قسمن جو شعر چيو آهي، مگر سندس مشهوري مرثين جي ڪري ٿيل آهي، جي ڇهن جلدن ۾ ڇاپيل آهي.

## مرثين جو نظم

مرثيہ لفظ جي معنيٰ آهي اهو شعر جنهن ۾ ڪنهن بہ دردناڪ حادثي جو ڏک پرڍيل لفظن ۾ بيان ٿيل هجي، جهڙوڪ بغداد جي قتل عام ۽ ان وقت جي پين دلسوز واقعن وقت شيخ سعدي شيرازي جا ناهيل عربي مرثيا (ڏسو ڪليات سعدي) پر اڄ ڪلهہ جي عالمگير اصلاح موجب مرثيہ جي معنيٰ اهو "رزميہ ڪلام" جنهن ۾ خاص طرح ڪربلا جي واقع بابت دل سوز بيان هجي.

سيد ثابت علي شاه مرحوم پهريون پهريون شاعر آهي جنهن موزون شعر ۾ سنڌي مرثيا ناهيا آهن.

سيد ثابت علي شاه مرحوم جي مرثين مان ڪي غزل جي صورت ۾ آهن، ڪي مربع جي صورت ۾، گهڻا تہ مسدس جي صورت ۾ آهن.

## ٻولي ۽ عبارت

سيد ثابت علي شاه مرحوم مرثين ۾ لسي ۽ دلچسپ سنڌي ٻولي ڪم آندي آهي، جنهن ڪري سندس ڪلام پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن تي جلد اثر ڪري ٿو. جن تہ شاه صاحب عربي ۽ پارسي لفظن ۾ محاورن جي آميزش بہ سهائيندي طرز ۾ ڪندو ويو آهي.

مرثين ۾ ڪم آيل عبارت جي رنگيني ۽ فصاحت بلاغت ۾ سيد ثابت علي شاه مرحوم ڪمال ڪري

ڇڏيو آهي. لفظي صنعتون تشبيهون، استعارا، مجاز، ڪنايا ۽ اصطلاح بي انداز ڪم آندا اٿس، جيتوڻيڪ انهن تي پارسي جو رنگ سر سيرو چڙهيل به آهي. ٻه ٽي مثال هيٺ ڏجن ٿا.

طبيعت جي رواني ۽ برجستگيءَ جو نمونو:-

-ميدان ڪربلا ۾ حضرت امام قاسم رضي الله تعاليٰ عند جي جرئت ۽ بهادري بيان ڪندي شاهه صاحب چوي ٿو:-

هڻ ڪي چا افراسياب ۽ هڻ ڪي چا اسفند يار؟
چا هي بزن؟ چا هي برزو؟ چا فراموز؟ الفرازا
گيو هت گوشو ڪري، نرمي نريمان جو شمار،
طوس جو چا تاب هت؟ گودرزو گرگين گيرودار.
هي مجي رب جي رضا مر ڏئي ته ڏئي، ورنه محال،
ناهي ملڪالموت کي هڻ جي تقابل جي مجال.

ناهي ملڪالموت کي هن جي تقابل جي مجال.

مٿئين مثال ۾ طبيعت جي رواني، چوٽ زباني ۽ برجستگي سان گڏ صنعت تلميح (لفظي صنعت جمع، تجزيد ۽ صنعت مبالغ (معنوي صنعتون) به نهايت عمدي نزاڪت سان ڪم آيل آهن.

## صورت خطي

سيد ثابت علي شاهه مرحوم جي وقت کان وٺي ڏيڍ صدي کن تائين مسدس سنڌي مرثيا گهڻو ڪري يا اردو صورتخطيءَ ۾ لکيل هوندا هئا. اڄ به ثابت علي شاهه جا سنڌي مرثيا پارسي ۽ اردو صورتخطيءَ ۾ لکيل موجود آهن. سنه ١٩٢٥ع مرحوم ميرزا قليچ بيگ صاحب سيد

شان نزول نثر ۾ لکيا آهن، سي انهيءَ پارسي عبا
جو ترجمه آهن جا پارسي عبارت جو ترجمه آهن،
پارسي عبارت حضرت شيخ سعدي شيرازي صاحب
پنهنجي تصنيف ڪيل پارسي تفسير جي حاشي ۾ ل
آهي. آخوند صاحب مرحوم شيخ سعدي واري پار
عبارت ۾ حاشيه تسي لکي پوءِ سنڌي نثر ۾ ترج
لکيو آهي.

اسان جي خاص مراد آهي انهي سنڌي نثر جو نه
پڙهندڙن جي پيش ڪرڻ جي مرحوم آخوند ڪم آند
آهي. سنڌي ٻولي ۾ ڀوريون ڀوريون جيڪو نثر ۾ لکيو
ڪتاب هن وقت تائين ثابت ٿيو آهي، سو جنهن
صورت ۾ هيءَ ني آهي ۽ اهو نثر وري آهي ته عربي
عبارت جو تحت اللفظ ترجمو، تنهن ڪري هت آخوند
مرحوم وارو نثر (اصل عربي عبارت سميت) ڏجي تو
پوءِ جتي جتي ضرور پوندو اتي آخوند مرحوم جي نثر
کي وري اج ڪاله جي يا محاوره نثر جي صورت ۾ به
پيش ڪيو ويندو.

## ذڪر ۾ تڪليف خدا تعالي جي طرفان انسان جي ايمان جي پرک.

يا ايها الذين آمنوا استعينوا و الصبر و الصلوات
......... الا ئک هم المهتدون.

(سورت بقر آيت ۱۵۲ کان ۱۵۷ تائين)

آخوند مرحوم جو تحت لفظي ترجمو: اي مومنو
همراهي وٺو منجهه مشڪلن اڻ صبر ۽ نماز، تحقيق
خدا ساٿي صبر ڪندڙن آهي ۽ م چئو واسطي تن جي

المسخر بين السماء و الارض آيات لقوم يعقلون.

(سوره بقره آيت ١٦٣)

ترجمو: تحقيق منجهه جوڙڻ آسمانن ۽ زمين جي ۽ ڦرڻ راتين ۽ ڏينهن جي ۽ ٻيڙين جي هلڻ درياءَ ماڻ تنهن سودي جو نفع ڪري ماڻهن کي ۽ جيڪي نازل ڪيو رب پاڪ ڪنان آسمان، مينهن پوءِ جياريائين ان سان زمين کي پڄاڻا سڪڻ ان جي، پکيڙيائين ان ۾ سڀ حيوان ۽ منجهه ڦرڻ وائن جي ۽ منجهه ڦرڻ ڪڪرن جي، جي اپاريل آهين وچ آسمانن ۽ زمين جي معجزا آهين واسطي قوم عقلمن جي (مٿي هوڪرائي الله پاڪ جي ۽ پورو ڪرڻ ميني ڪمن جي).

شان نزول:- جڏهن ڪافرن ٽي سو سٺ بت الله آهين امان جا، ايترا الله سڀ هيڪڙي شهر مڪي جو جوڙي نه ٿا سگهن ۽ محمد جو هيڪڙو الله ڪم سڀن عالمن جا ڪيئن ڪري سگهندو؟ ان ڳالهه تي ڪو نه دليل آڻي. تڏهن رب پاڪ مٿي ڳالهه حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ات دليل منجهه هن آيت ذڪر ڪيا.

## خليفو حاجي عبدالله سنه ١٣١٧ع

حال وڃي ڪال جو ڪلي ٿيا ڪمال،
شائق سدا شوق جا مور نه مڱن مال.

### ليلاي مجنون

ڪتاب مجنون و ليلي جو مصنف خليفو ميان حاجي عبدالله نظاماڻي هو. سندس والد خليفو محمود صاحب عليه الرحمت ميان سرفراز ڪلهوڙي جي حڪومت وقت

ويو آهي. قصو هن طرح بيان آهي ته: عربستان جي
مڪي شهر جي هڪڙي معزز سردار کي قيس نالي
هڪڙو سڪيلڌو پٽ هو، جو اتي ڪنهن استاد وٽ
قرآن شريف جي تعليم پيو وٺندو هو. مصر ملڪ جو
هڪ مسافر مڪي شريف ۾ آيو ۽ قيس ساڻ ملاقات
ڪندي ساڻس ليليٰ جي علمي شرق، سونهن سوڀيا ۽
خوش خلقيءَ جو جوش جاڳائيندڙ ذڪر ڪيائين. قيس
انهيءَ ذڪر مان ئي پٽ ليليٰءَ تي چٽڪ ٿي پيو
۽ چرين جهڙو حال ٿي پيس.

"ماڻهو مڪي جا مڙني سڀ سڙي،
فرهيءَ آهه فڪر جي ڪهڙي قيس پڙهي،
قضا ڪم ۾ ادر جي پيس انگ اڙي،
چٽ چرئي جي ڳالهڙي ڪا جا آهه چڙهي.
ڪو چئي ديواني کي ديو پيو، ڪو چئي جن جسي،
حقيقت هن حال جي ڪنهن کي ڪين ڏسي،
راسخ سندي راز کي پيو ٿان ڪهڙ رمي،
پاڻ منجهيا ٿي پناڻ ٿو ڀانهي پاڻ پسي،
جت ڀاه ٻري او جاءِ جني خبر پاڙي پوي ڪئن؟
لڳي هوءِ ته ڪل پويئي نت لڳيان منهن."

آخر ساڻ مان ساري سچي حقيقت قيس ظاهر ڪئي
۽ سڀ ساڻت ڪرم قبوليو ۽ وطن ڇڏي مصر ڏي روانو
ٿيو. گهڻين تڪليفن ۽ ڏکن ڏسڻ بعد مصر جي انهيءَ
شهر ۾ اچي پهتو، جتي ليليٰ رهندي هئي.

ليليٰ قمرالدين جي ڌيءَ هئي جو وڏ گهراڻو ۽
عزت وارو ماڻهو هو ۽ مڪتب ۾ ٻارن کي تعليم ڏيندو

پنهي ڪيون پر ڪوئي پتو ڪونه ٿي پيس. هڪڙو
ڪانير جهنگ ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويو، تنهن بريٽ ۾ بند
بيٺل ڏٺو. پانيائين ته اهو بند ڦوڙي ۽ چار لڏون ڪاٺيون
جون منجهانئس ڪريان. جهڙو بند کي ڪهاڙي جو ڏک
هنيائين تهڙو آواز آيس:-

"ته ماري مرن مسڪين کي جڏي کي جانا،
ضايع زور زيـــاده ڪيئي ظـــالـم زيانا."

ڪانير اهو آواز ٻڌي ڇرڪ پري وڃي پري بيٺو.
بند کان سوال ڪيائين، ته تون ڪو جن آهين يا ديو
آهين يا ڪير آهين؟

"چي نڪي ديو آهيان، نڪي پري پريان،
اولاد حضرت آدم جو جڙيس منجهه جهان،
محبت ڪيو محبن جي مونکي پريشان،
جانب ويا جنهن جوءِ تي حاذق وريا نه هاڻ،
مونکي چڏي چيرين ڪل لڏائون ڪانه."

ڪانير کي ساري حال حقيقت معلوم ٿي ويئي،
تنهن مصر ۾ اچي ليليٰ کي خبر ڏني. ليليٰ آڌيءَ رات
جو پنهنجي نوڪرياڻي ساڻ ڪري اٺ تي چڙهي اچي
ٻر ۾ بيٺل محبتي وٽ حاضر ٿي. وليون ۾ ڳاهه پاسي
ڪري مجنون جو وجود ظاهر ڪيائين.

تڏهن مرڪيو مبارڪ منهن مان مجنون سو موچار،
ته مون سان ڪيئن وچائيو ولين منجهه ولهار،
ڏينهان ڇانءِ ڏنل کي راتيان ڦلڻ ڦهار،
لڏان ڪانه قريب مون ساجن سگهي سار.

ليليٰ مجنون جي مچائي پسي اتي ٿي سندس قدمن تي

ڳائڻ ۾ بالڪل سپڪ ۽ بي انڪ آهي.

آهيان ڏڏ، غمن ڳڏ، سچا سڏ، سڄ تون
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ ڏکين ڏان، ڏئين تون
پلا چام- هن غلام سندو سوال سڄ تون
هدايت- حمايت- عنايت- ڪرين تون
(پلا چام...)

٣- امانت- سلامت- اچي لڪ- لنگهايائون
يڪسون- ڪم زبون ڪيم خون خطائون
مڃي ڏوه-پناه توه ڪربين بخش عطائون
(پلا چام...)

٤- چارئي طرف- تنهنجي شرف- ڪيون روشن راهون
منجهان نور، ٿيو معمور، مڪو ساڪ، مدينون
(پلا چام...)

٥- سرفراز ڪي اداس- آهي آس- اوهان ڏون
رهه راس- بند خلاص- خوشي خاص- ڏئين مون
(پلا چام...)

ميان محمد سرفراز جي مٿين مدح جنهن نقطه نظر جي ڪري خاص طرح تعريف جي لائق آهي، سو هيءَ آهي، ته مداح جا ڪي بند صنعت ترصيع سان سينگاريل آهن، ۽ ساري مدح جي ڪابه مضرع، صنعت تشطير کان خالي نه آهي.

هن وقت تائين سنڌي زبان ۾ جيڪي موزون ڪلام موجود آهن، تن مان ڪنهن به ڪلام ۾ ايتري قدر صنعت ترصيع ۽ صنعت تشطير ڪم آيل نه آهي جيتري قدر ميان محمد سرفراز خان جي مدح ۾.

# فقير محمد صديق (صادق)

فقير محمد صديق، جنهن کي عام طرح صديق فقير ڪري سڏيندا هئا ۽ سندس مرشد کيس صادق فقير به ڪري سڏيندا هئا، تنهن پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي پنهنجو نالو صديق ڪم آندو آهي ۽ ڪٿي تخلص طرح پاڻ کي صادق ڪري سڏيو اٿس.

صديق فقير ذات جو سومرو هو ۽ سندس وطن ٻوروناري هو. شاهه عنايت الله شهيد جي وفات کان سٺ ورهيه کن پوءِ جڏهن جهوڪ شريف جو مسند نشين قلندر فضل الله شاهه هو، تڏهن صديق فقير اچي ان جو مريد ٿيو هو. ميرن جي صوبي صاحبي فقير صاحب ڏٺي هئي. انگريزن جي حڪومت جي اوائلي ڏينهن ۾ صديق فقير اسي کن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ ٻوري ناري ۾ وفات ڪئي، جتي سندس قبو آهي ۽ سال بسال وڏو ميلو لڳندو آهي. صديق فقير روشن دل شاعر هو. سندس رسالو موجود آهي، جنهن کي رسالہ صادق ڪري چون ٿا.

ٽالپرن جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ مير صاحب هڪڙي بيڙيءَ مظلوم عورت جي دانهن ٻڌي داد نہ ڪيو جنهن تي فقير غصي سان هيٺيون بيت چيو هو جنهن جي پيشن گوئي جلد ئي پوري ٿي.

پورا اچي پيل- ساري سنڌ صديق چئي،
پاروچاڻي پيل- ٻڌي نـــہ ٻڌي جهڙي.

صديق فقير کان پوءِ سندس وڏو فرزند فقير بايزيد ٻوري ناري جي درگاهہ جو مسند نشين ٿيو. ان کان

وايون (صدائون) ۽ ٻچاڙيءَ ۾ به وايون آهن ۽ وچ ۾ بيت آهن.

رسالي جي هرهڪ سر جو مضمون اگرچه شاهه ڀٽائي جي ماڳيئي نالي واري سر جي مضمون سان هو به هو هم صورت آهي ته به هرهڪ سر ۾ ڪي ڪي خيال فقير صاحب جي رسالي ۾ نرالي دلچسپ طرز سان ڏنل آهن. مثلاً سر ڪيڏاري ۾ ميدان ڪربلا جي تصوير چٽيندي صادق فقير نفس سان جنگ ڪرڻ ۽ خوني شهيدن جي سر ويڃيءَ وارو جيڪو مضمون آندو آهي سو شاهه صاحب واري رسالي ۾ ڏنل ڪيڏاري جي مضمون کان بلڪل علحدو آهي.

فقير صاحب جي ڪلام جي ٻوليءَ ۽ شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام واري ٻوليءَ جي وچ ۾ ذرو به تفاوت ڪونهي مثال:—

سڀئي سهڻي مڱڻا، اڇا اٿئين عيب،
نياڳيا نئيون ڪرئين ڏکيا ڪريو ڀيب،
وڏيءَ ڪنهين ويب، مڱي ويا مڱڻا. (وهاڱڙو)

٢- ٻاجهه به ايذيائي گهران، جيڏوئي تو نام،
تون منجهه تون ٽوڻيون، تون ڇپر تون ڇانءِ،
چوان ڪچاڙو آن، ته توکي معلوم سڀ ڪا.

## فتح فقير

فقير فتح محمد، جنهن کي عام خواهه خاص فتح فقير ڪري سڏيندا هئا، سو اصل ڪڪڙ تعلقه جي ڪنهن ڳوٺڙي جو وينل ڪلهوڙو هو. فقيريءَ ۽ خيال داڻي ڀاڻيءَ جي ڪشش ڪري هو پنهنجو وطن ڇڏي حيدرآباد

# سيد ميان خير شاھ

حيدرآباد سنڌ ۾ "خير شاھ" جي نالي ٻه سيد مشهور ٿا ۽ ٻئي هم عصر هئا. هڪڙو سيد خير شاھ پنجابي، تنهن جي روضي جي نالي حيدرآباد ۾ خير شاھ جو پڙ مشهور آهي ۽ ٻيو به سيد خير شاھ پرديسي، جو عالم مشهور شاعر هو. اسين هت سيد خير شاھ پرديسيءَ جو ذڪر ۽ ان جي سنڌي ڪلام جو احوال ڏيندا سون.

سيد خير شاھ پرديسيءَ جي ڳوٺ جي پوري خبر ڪا نه آهي، مگر اها خاطري آهي، ته هو ڪلهوڙن جي صاحبي جي وقت ۾ حيدرآباد شهر کان ٻاهر پڙو پراڻي ٽيلي جي ڪپ تي سيالن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. هو سيالن جو ڳوٺ اڃا قائم آهي. ان ڳوٺ ۾ خيرشاھ پنهنجي اوتاري اڱڻ ۾ نم جي وڻ پنهنجن هٿن سان پوکيو هو، سو اڃا تائين بيٺو آهي، مگر اوتارو ۽ مسجد ڊهي ويا آهن.

هي شاھ صاحب باشرع فقير هو. ٽالپرن جي صاحبي شروع ٿيڻ بعد مير فتح علي خان جا پاٽر، جي سنڌ جا حاڪم هئا، سي سيد خير شاھ کي نذرانا ۽ لوازما ڏيندا هئا.

سيد خير شاھ جو ڏاهيل "جنگنامو" مشهور آهي، جو اڄ تائين مولود پڙهندڙ ماڻهو مداح وانگر پڙهندا آهن. انهيءَ جنگنامي ۾ ٻهرياڻين انهن ڪاڻهن ۽ سختين جو احوال ڏنل آهي، جي جدا جدا نبين صبر سان سٺيون.

ٿنهن کان پوءِ حضرت امام حسينؑ ۽ حضرت امام حسن جي شهادت جو مفصل احوال ۽ ڪربلا جي واقعي ذري پرزي بيان ڏنل آهي. اهو جنگنامو "مخمس" جي نموني تي ڏوهيڙن جي صورت ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ ڪل چوهٺ بند آهن. ان مان پهرين ٻه بند نموني خاطر هت ڏجن ٿا:—

مثال:—

صالح فرزند ٿيا تولد گهر عليؑ جي شير شجاع،
چايا چام وڏا تن جهڙي ڀاري بخت بلند هماءِ،
حسن حسينؑ رکيا تنهن نالا خاصو جو ختم الانبياءِ،
نانو جن جو مير محمد، پدر عليؑ، ماءُ خيرالنساءِ،
جيڪا جن جو شان ٿيو شاهد قادر جو قرآن ٿيو.

قلم قضا جو ڪتاب لکيوري رب تنهنکي ڪهڙ رسي؟
خاوند جي گهر، جنهن ۾ جهڙي، تنهن ۾ تهڙو نينهن وسي
جي جاني جاڻ وارو پڻي نه ڪنهنکي ڪل قصي،
ايذا ڪم ڪريم سندا، جو دشمن مانڊيو دوست دسي،
آل عبا مان غير گنه ڏس ڪيڏو قهرستان ٿيو.

جن حمايت مير محمد حضرت علي شير خدا،
غم وهم نه اوڏو تنکي، ڪوسو تن کي لڳي نه واءُ،
پنجن تنن جا پاڪر مونکي ديگر دل دليل نه ڊاءُ،
حسن حسين حمايت منهنجي جنت خاتون خيرنساءِ،
خير شاه جو حضرت شافع آخر نبي زمان ٿيو.

سيد خير شاه مجرم وارث مهدي ۾ پنهنجي مڪان تي خاص طرح اهو جنگنامو پاڻ به پڙهندو هو ۽ سندس

شان مٿي آهي ۽ ٽوپي هڙو پڙو ڪٿي مان فوقيت
دم هيئو آهي. به ٽي ٽوهيڙا مثل طور ڏجن ٿا:-
ٽوپي- جي ڙي پرد ڪندينءَ جو پڏرو سو نه مڙني ۾ آهي
سڄهي اسان ڪسي ڪانڪال ميئو جا ساهي
ڳالهه نه تنهنجي ڳوٺ ۾ ڪو راج نٿو راهي
پوءِ لس وڏاڻون لاهي تو ڪي آنڊن جهڙي اچلي
بيگ- جي ڙي ڪو ٽوپي پائي امام ٿيو مڙني جو سهندار
شرع جا شنيع جي سا تون پڇي ڪر تڪرار
جي ڪچنديءَ بيهار نه جٺ ڪندي سان تجيڻ
فيصلو- جي خير خير شاهه چئي لتو جهڙو ۽ جيڙو
ڪهڙي اشراف سان ڪيو بـــرڙي بڪيڙو
نبربوسين نڪ وڍيءَ جـــو سنڌو ۽ سيڙهـــو
ڏـــڙ تنهين پيڙو ڪئو جـــن قاوب ۾
سيد خير شاهه جون سنڌي ڪافيون به مشهور آهن.
مولود ۽ مداحون به گهڻي چيون اٿس.

## سامي ڄ سنڌس سلوڪ ١٧٤٣ع

”عجائب عقل سالڪ ڏنـــو منڪ مان
سڄڻي روح ڏاني ٿيو چڏي هنگامون هل
چڙهي نور محل ۾ ڪيائين حق حاصل
وحدت ۾ واصل پرجي ٿو پريم مان.“

شلوڪ ٣.

آهي پاڻهي چڻ رنءِ پچوسل لئي جنهنجو تخلص هو سامي.
سو شڪارپور شهر جو ويٺل هو. هن پنهنجي ڪلام ۾

ڪلناٿيءَ ۾ ١٨٧٣ع ۾ وري عربي سنڌيءَ صورتخطيءَ ۾ ڇڪايا ۽ تعليم کاتي ٽن جلدن ۾ ڇپايا آهن.

سامي صاحب ١٧٤٣ع ۾ ڄائو هو، جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت سنڌ ۾ هئي. هو ٽالپرن جي صاحبيءَ وارو سمورو عرصو حيات هو ۽ هڪ سئو سٺن ورهين جي عمر ۾ ١٨٥٠ع ۾ چالاڻو ڪيائين، جڏهن انگريزن جي حڪومت جا اوائل وارا ڏينهن هئا.

سامي صاحب جو نقط هڪڙو پٽ هو ڀائي گهنشامداس جو گهڻو ڪري امرتسر ۾ گذاريندو هو. ڀائي گهنشامداس به پاهتر ڪن ورهين جي عمر ۾ چالاڻو ڪيو، ان جا سڳا پوٽا هينئر ڪراچيءَ ۾ ڏلاليءَ جو ڌنڌو ڪندا آهن.

ساميءَ جي شلوڪن جو انداز گهڻو هو، پر هن وقت فقط ايڪيهه سئو شلوڪ گڏ ٿيل آهن، جي ٽن جلدن ۾ ڇپيل آهن.

## شلوڪن جو مضمون

سامي "ويدانت" مت جو قدر هو، ۽ پنهنجي ڪلام ۾ آهي نج ويدانت وارا اصول به ڪم آندا اٿس جنجو تصوف ۾ ذڪر نه آهي، ۽ ڪي تصوف وارا اصول به بيان ڪيا اٿس، جي سڀني صوفين عام طرح پنهنجي ڪلامن ۾ ڳايا آهن. انهيءَ طرح ڪي نج تصوف جا اصول، جن جو صوفي درويش خاص طرح ذڪر ڪيو آهي، جهڙوڪ روز ميثاق يا روز الست، "ڪن فيڪون" جو مسئلو "نفي" ۽ "اثبات" وغيره.

سامي جي شلوڪن ۽ ٻين صوفين درويشن جي ڪلام ۾ انهن جزوي تفاوتن هوندي به سندن منزل مقصود يا اصل مطلب ساڳيوئي آهي. اهو آهي ”روح“ آتما کي ڪنهن ريت دنيائي ۽ نفساني خواهشن کان آجو ڪري ”رب“ (پرماتما) سان واصل ڪرڻ.

## ويدانت جا نرالا اصول:-

”پنرجنم يا تناسخ“ سامي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هن عقيدي تي گهڻو زور رکيو آهي، ته ”آتما“ (روح) پنهنجين بداعمالين (ڪرتوتن) جي ڪري ”ڪوٽ جنم ۾“ (ڪروڙين جنم) ڀوڳي پوءِ خوش قسمتيءَ سان انساني بدن ۾ آيو آهي. انسان کي ”مانک ديهي“ (انساني جامو) جو قدر سڃاڻي پنهنجي ڌڻيءَ سان عشق رکڻ گهرجي.

درويشن جي صحبت ڪري ۽ بندگيءَ ۾ محو رهي جيڪڏهن انسان پنهنجي ڌڻيءَ جو عشق حاصل ڪيو، ته هو ”نرواڻ پد“ (دائمي نجات جو درجو) حاصل ڪندو ۽ هو پنهنجي مالڪ سائين هڪ ٿي ويندو جئن بوند، سمنڊ ۾ يا ڪنڊ، پاڻي ۾، پوءِ هو مرڻ جيئڻ جي ڏک کان ڇٽي پوندو، پر جيڪڏهن دنيا جي لوڀ ۽ خواهشن ۾ پاڻ کي مالڪ کان غافل رکيو ته پوءِ هو هن انساني جامي ڇڏڻ کان پوءِ وري به ٻيءِ طرحين جانورن جي جسم ۾ جوڻ (جنم) وٺندو ۽ مالڪ جي ميلاپ کان وانجهجي پئجي ڪندو ۽ رلندو ويندو. مثال:-

١- مانک جنم امول، ڪنهن ڀاڳو پورن پن تي،

سوڀيو ساگر جي پيٽ ۾ ويڙهي ڪرم رول،
"سامي" سنتن سان ملي لهه آتم ڌن اڏول،
هر هر اهڙو ٽول، هٿ ۾ ايندءِ ڪينڪي.
٢- ورلي ڪنهن قدر، جاڻو مانڪ ديهه جو،
اڇي مليو اوچتو، جنهن کي غيبي گر،
تنهن مٿاپس من جي، "سامي" تسپ هر گهر،
هر ڏسي حاضر، چيٽي ءِ ڪچر ۾،
٣- ڪنهن گرمک لڌو گيات سان اليٿي گهاٽ گهڙي،
اڇي ڪين ڦري، سو جنم مرڻ جي ڏک ۾.
٤- ڪنهن ورلي کي آهي، قدر مانڪ ديهه جو،
ڏٺو جنهن گر گيات سان منهن موڙي پاڻي.

## پنج پوٽ

سڀني درويش شاعرن "نفس اماره" (گناهن ڏي ڇڪيندڙ من) جو پنهنجي ڪلام ۾ چڱيءَ طرح ذڪر ڪيو آهي. مگر سامي صاحب انهيءَ نفس اماره کي "من مواس" (مستانو من) سڏي انجي پنجن خاصيتن کي "پنج پوٽ" سڏي ٿو ۽ انهن پنجن پوٽن کي مات ڪرڻ ۾ ئي "دائمي نجات" يا نر ٻاڻ پد حاصل ڪرڻ جي اميد ڏيکاري ٿو انهن پنجن پوٽن کي ناس ڪرڻ جو بار بار تاڪيد ڪري ٿو مثال.

١- جو ٻي جنهن جوڙي جيتيو من مواس کي،
ڪيڏيو تنهن ڪليت جو لشڪر سڀ لوڏي،
سامي لايائين لڪ ۾ پنج ئي پر پوڙي،

وينو گهر سوڙي، ساڪي ٿي سنسار جو.

١- انئي ٻهر ٻلن، گر مک پنهنجي ٻاڻ ڪي،
ساسي سو ويساهه سان ٻنج ٿي دوت دلن،
اندر ول ولن، ٻاهر ٻاڦن ڪينڪي.

٢- جنهن ڪي ڳالهه وٺي، سنتن ما پرسڻ جي،
سو ٻنان درسڻ دوست جي ڳنتي ڪانه ڳني،
سن سوڙا ٻيدان سان ماري ٻنج ڪٺي،
جيڪا اچي ٻٺي، ما ساسي رکي مر تي.

مٿين مثالن ۾ ساسي صاحب ”من“ ۽ ان جي پنجن
ڀوتن کي گڏجي بيان ڪيو آهي. نفس جو خلاصو ذڪر
ساسي صاحب جدا جدا دلچسپ نمونن ۾ ڪيو آهي
۽ انهن پنجن ڀوتن کي علحدو به بيان ڪيو اٿس، جنهن
شاهه صاحب ۽ ٻين درويش شاعرن ڪيو آهي.

## ويدانت ۽ تصوف جا نڪتا.

### ١- ذاتي هڪڙو ۽ لاشريڪ آهي.

١- دوست جو ديدار ڪامل آهي ڪهڙو،
ڇيو وڃي نه منهن سان از غيبي اسرار،
نڪو روپ نه رنگ ڪو نڪو انگ آڪار،
جڏهن ملندءِ يار، تڏهن ٿيندءِ سڌ سروپ جي.

٢- ٻرين جو ٻرلاءُ اچي ٻيو اکين تي،
جنهنجو روپ نه رنگ ڪو نڪو ٻيءُ نه ماءُ،
ان جي عشق اپيد ڪيو لئون لئون منجهه لکاءُ،

## ٦- "همه اوست" ۽ "همه از اوست"

١- ماسي سپ ديدار، اٿئي عجيبن جو
ڏسي پـڌي پاڻ ٿـو، پولي پولڻهار،
نـر آڪار آڪار، ڏاري آيـو جڳ ۾.
٢- اندر باهر هڪ، ماسي ڏسي سپرين.
٣- چيٽي ۽ ڪنچر ۾ ڏسـي رمتا رام.

## ٧- مرڻا اڳي مرڻ

ڪريان ڪهڙو حال، دردوندن جـي دل جو،
ڪٺا ڪچن ڪينڪي لٺون لائـي ٿيا لعل،
ٽنڪي ڪوهه ڪريندو ڪال جي مرڻ کان اڳي مئا.

## ٨- حقيقي عشق ڌاران ظاهري علميت بيڪار آهي

١- نينهن بنان نادان، ويد پـڙهي وادي ٿيا،
پاڻيڻ ڪن پيائيءَ مان جپ، تپ، دان، اشنان،
نيهي نسارائڻ ري، پـي سـڌ وکـڻ ڪان،
رهـن منجهه بهان، نـر پک نيارا نپي جان.

## ٩- دوست جو ديرو تنهنجي اندر ۾ آهي

١- الک پرکـ آڻـي ديـرو ڪيو ديهه ۾،
ماسي پنهنجي گهرجي ڪنهن کي سڌ ڪانهي،
ورلـي ڪنهن صحي ڪيو دردوند دانـي،
پرچي پرواني، جنهن سڃاتو جـوت کـي.

لڳو دلبر داڻ، سته سنگ "سامي" چئي.

## ٢- ڌڻي جي سڀ جوڙ بي عيب آهي.

آهي سڀ پوري رچنا منهنجي رام جي،
سمجهي ڪو سامي چئي، هر جن حضوري،
جنهن درسن ڏنو دوست جو نيڻن ساڻ نوري،
ڪري صبوري، ٿولي ڪان فارغ ٿئي.

## ٣- ڌڻي در سوال.

خاوند ڪين ڳڻين، اوڳڻ هڻ اٿاس جا،
تو ۾ ڪس نه ڪسر جيتري مون ۾ عيب مڻين،
ڪهڙيءَ ڪسي ڪٿين، برد سچائي پنهنجو.

## ٤- ڌڻيءَ جي بندگي ڪرڻ ضروري آهي.

١- پڇ، اٺاره، چار، ڳالهه ڇون تا هيڪڙي،
ڀڳت ڪري ڀڳوان جي نانا پرم نوار،
سا جهر پاڻ سنڀار، متان پوين پوءِ ڏکن ۾.

## ٥- دل جي حضور ڌاران عبادت بيڪار آهي.

١- مکم سان رام چئي، سانت نه اچي جيءَ کي،
ان پاڻيءَ جي ناڻءَ سان آيج بک ڪين لهي،
ننگر ڀوڄي ڪو نسه ڪو ڀنان ڀنڌ ڪني،
گر گم رهت رهي، ته سکي ٿئي سامي چئي.

## ١٠- ٻچن عاشقن جو حال

١- ٻورن ۾ بي پرواهه، ٿيون ڪين ڪني ڪي،
سامي سر صدقي ڪري، عاشق ڪين نه آهي،
ٻل ٻل ٻين ٻريم رس، اندر ۾ اسگاه،
مڙڻ ناهه صلاح، متان چلي چول چلا ڪري.
٢- عاشق سي چنجن، جي سوري سهڻ سرتي،
پنهنجي هٿين پنهنجي لاهي ڪل ڏين،
جيئڻ ۽ مرڻ جو سنسو شوق نه ڪن،
سدا غرق رهن، سامي ساز سروپ ۾.

هٿين مضمون کان سواءِ پيا به ڪيترائي صوفيانه خيال ۽ روحاني رمزون سامي صاحب جي ڪلام ۾ سمايل آهن: جهڙوڪ سڀ مذهب ۽ مَتا ساڳئي مقصد ڏانهن واٽ ڏيکارين ٿا، روح عيرفاني شئي آهي، دل دوست کي ڏجي ۽ بدن سان دنيا ساوي فرض ادا ڪجن، عشق جو راز دل ۾ سانڍڻ گهرجي، دنيا فاني ۽ ڪوڙو ڏيک آهي، مرشد جي فرمانبرداري ۽ درويش جي صحبت جو تاڪيد. سامي صاحب جي ڪلام ۾ ناصحانو ۽ اخلاقي مضمون به گهڻي انداز ۾ ڪتب آيل آهي، جهڙوڪ نهٺائي ۽ سادگي ڪايا ماما ۽ ڪل ني فخر نه ڪرڻ صبر تحمل ۽ قناعت ٺڳي ۽ مڪر کان پاسو ڪرڻ وغيره.

ڪئي سامي صاحب به اهڙيون ئي روحاني ڳجهارتون ڏنيون آهن جهڙيون شاهه ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ آهن. مثال:—

١ - سامـــي گهر گهر تنهن ۾ گهر ١ گهر ٿئي،
مڻ پڌال، واٽي ٢ ڪون پري اندرين ٣ اگوچر ٤.
٢ - مار گب ـــ ٥ چورائـــي، پيو پانڌيڙو پنڌ ۾،
سامي چڙهيو سير تـــي ساگر ٦ سڪائـــي،
ويٺو وانجهي ٧ پتر سان سنڌ ٨ لڱون لائـي،
بنان مک کائي امرت ٩ ڦل آڪاس ١٠ جا.
٣ - عجائب ١١ اســرار غيبي ڏنـــو گيان سان،
اوديائـــي عاشق ٿيو، سامي ساڻ جـــو پيار،
جنهنجو روپ نـــه رنگ نڪو انگ آڪار،
سيئي ۾ سنسار، رچي مچي نت رڱن ١٢ ۾.

سامي جي شلوڪن ۾ ڪي ڏوهيڙا ٻين فقيرن جا به گڏ وچڙ آهن، جن ۾ انهن فقيرن جا نالا پيل آهن، تنهن کان سواءِ سامي صاحب جي شلوڪن جي طرز عبارت ۽ انهن ڏوهيڙن جي طرز عباوت ۾ گهڻو فرق آهي. جهڙوڪ شلوڪ نمبر ٢٩٩ کان ٣٠٤ تائين لاڳيتا ڇهه ڏوهيڙا شاه عنايت جا آهن، تنهن کان سواءِ سوهڻ، سينگهو ۽ دادو فقيرن جي نالي وارا ڏوهيڙا به گڏيل آهن.

## نظم جو نمونو

سامي صاحب جا شلوڪ باقاعدي ڏوهيڙا آهن.

---

١- سمجهه ٢- گفتو ٣- حواس ٤- غير محسوس ٥- رستو ٦- سمنڊ ٧- سنڌ زال جو پٽ ٨- از خود، سولائي سان ٩- آب حيات وارا ميوا ١٠- آسمان ١١- جهالت، بي عملي ١٢- رات.

شعرن جي ٽنهي جلدن ۾ ٻن مصرعن وارو ڏوهيڙو گهڻو ورلي ڪم آيل آهي؛ نه ته سڀ ٽن چئن مصرعن وارا ڏوهيڙا ڪم آيل آهن. چئن مصرعن کان وڌيڪ مصرعون به ڪنهن ڏوهيڙي ۾ ڪم آيل نه آهن.

جئن ڀٽائي صاحب، گرهوڙي صاحب، سچل فقير وغيره جي ڪن ڪن ڏوهيڙن جو ماترائون قرآن شريف جي آيتن، حديثن ۽ مقالن گڏيل ڪري مقرر تعداد کان وڌي وڃن ٿيون، تئن سامي صاحب جي ڪنهن به شلوڪ ۾ وڌيل نه آهن، ڇاڪاڻ جو سامي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي به ويد، پراڻ شاستر، گيتا وغيره ڌرمي ڪتابن جي جنسي منتر يا ڪاتڪ ڪم نه آندي آهي، جيتوڻيڪ سندس ڪلام ۾ اپنشد، گيتا، يوگ سوتر، نادر سوتر، ڀاڳوت پراڻ وارا خيال ۽ رايا گهڻي قدر سمايل آهن.

قافيي بنسبت سامي صاحب جا ڏوهيڙا بلڪل پختا آهن. ڪنهن ورلي شلوڪ ۾ قافيي جي هم آوازي جو اصول ترڪ ٿيل آهي، مگر اهڙي فرو گذاشت ڪنهن به درويش جي ڪلام ۾ عيب نه ليکبي.

ٻولي.

سامي صاحب شڪارپور شهر جو وينل هو، تنهن ڪري سندس ڪلام ۾ گراس جا محاورا ۽ ورجيشون به ڪيترن ئي هنڌن اهڙيون ساڳيون آهن، جهڙيون سچل سائين ۽ جي ڪلام ۾، مثال:

١- ٽوڙي لڪ لڳن، ”چاڻان“ صرف حساب جون،

١

٣ ٢

٢- ساڪان سنتن جون پڌي هٽ ”ڪون ڪين عتي،

٤

٣- خاوند ڪين ”ڳنهي“، اوڳن هن اٿاس جا،

٥

ڪهڙيءَ ڪسي ڪثي، پرد سچاڻسي پنهنجو،

٦

٤- آهن اڳم اپار ”راهان رام ملن جون،

٥- سامي صاحب جيڪي عام صوفيانه خيال يا خاص ويدانتي اصول پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن، تن ۾ سنسڪرت لفظ ۽ هندو ڌرم جا محاورا تمام گهڻي انداز ۾ ڪم آندا اٿس، جن جو نمونو مضمون وارا مثال طور ڏيل ثملوڪن ۾ پيش ڏيل آهي، تنهن هوندي به نج عربي ۽ فارسي لفظن جي به سامي صاحب جي ڪلام ۾ ڪا کوٽ ڪانهي. مثال:-

”محبتي مطلب“، ڪنهن سان رکن ڪينڪي،
رهسي جن جي ”روح“ ۾ راتيان ڏينهان رب،
ڳالهيون ڪن ”عرش“ جون ”عجائب عجب،
ٽوڙي لائي لوڪ، ”لقب“ نه به مست رهن مهراڻ ۾.

---

١- چاڻون. ٢- ساڪون. ٣- ڪان. ٤- ڳڻين. ٥- ڪٿين. ٦- راهون.

اُرَآئسواءِ ڪامل، ملڪ، تابوت، سبق، حافظ، احمق، اشارو، طبق، عين، ورق، عشق، واقف، مرشد، مريد خاص وغيره عربي لفظ به سامي صاحب جي ڪلام آيل آهن.

٢- ڪيترا عربي ۽ پارسي لفظ سامي صاحب اهڙن غلط اچارن ۾ به ڪم آندا آهن، جهڙن غلط اچارن ۾ اڻ پڙهيل هندو مائهو عام طرح اهي ڪم آڻيندا آهن سامي صاحب "غلط العلام صحيح" جي اصول تي شايد عمل ڪري اهي عربي ۽ پارسي لفظ غلط تلفظ ۾ ڪم آندا آهن. يا قافيه ۽ تجنيس حرفي جي پوراڻي لاءِ اهڙا غلط تلفظ يا اچار ڪم آندا انس ڪي مثال ڏجن ٿا:-

(١) "کوجي[1] لڌو "کوج"[2]، پرچي پريم نگر جو،
پڌايائين "پانيڻ"[3] تنهن ۾ سهنج مروج،
هردي منجهه "هروج"[4] درسن ڪري دوست جو.
(شعر ٣٦٧)

(٢) منيائون[5] محبوب جي سامي سپ رچاءِ،
کوڙي "ڪاموشي"[6] ويٺا ڏيان ڏجاءِ،

---

١- خوضي، ٢- خوض، ٣- مرود، ٤- هر روز، ٥- رضاء. ٦- خاموشي.

ملي ڪن ”مجا“ سنڌ سنڌ سروپ سان.
(شعر ۴ ۵)

۴- ڪٿي ماسي صاحب اهڙي صاف ۽ سڌي سنڌي ۾ ڪم آندي آهي، جهڙي شاهه ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ ڪم آيل آهي.

۱- جنهن کي نينهن لوڙ، سوڙي ڪيو سرم مان،
مٺيو تنهن جي من مان ٻولائو ٻرم،
مٺيو تنهنجي سڻ مان ٻولائو ٻرم،
لڳيءَ ڏنائين لڪ ۾ ”ماسي“ سڀ عالم،
دوس ورائي دم، خالي ڪٿي ڪو نڪو.

۲- اٿئي مهانگو، ”ماسي“ سودو ٻريم جو،
جي توکي خواهش خريد جي ته سٽ سر جو سانگو،
پرچي ٻاءِ ڪڇيءَ ۾ ڳالهه جو ڳانگهو،
لنگهي پئو لانگهو، ته مطلب ٿيئي من جو.

۳- اکين منجهه اوطاق، آهي يار عجيب جي،
سدا پسڻ سڪ سان محبتي مشتاق،
جي جيئندي ٿيا جڳ کون ٻاهر چئي بي باڪ
خلوتين جي خاڪ، لائي وڃا لعل ٿي.

عبارت.

عبارت جو سينگار ۽ فصاحت بلاغت جي اسباب

۷- مزاح.

بنسبت سامي صاحب جو ڪلام بلڪل عمدو آهي. روان
ڀهاڪا شاهه ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ جيتري قدر
سمايل آهن، اوتري قدر سنڌ جي ٻئي ڪنهن به شا
جي ڪلام ۾ نه آهن، باقي سهڻا سهڻا ۽ روزمره ج
گفتگو ۾ ڪم ايندڙ اصطلاح سامي صاحب جي ڪلا
۾ به بي شمار آهن. تشبيهون ۽ استعارا به بلڪل عجيب
عجيب ۽ دلچسپ ڪم آيل آهن. لفظي ۽ معنوي صنعتن
جو خاصو انداز سامي صاحب جي ڪلام ۾ سمايل آهي.
اسين هتي نموني خاطر ٿورا مثال پيش ڪريون ٿا

١- جنهن کي پريم پٽي، سامي پاڙهي ست گروءَ
وينو کيپ ڪٽي، سچ، وسنن جي وچ ۾.

٢- تنهن جي مهر سوان سان لنءَ لنءَ سي ڻاري،
ٽار منجهان تـــاري، ڏيئي هٿ همت جا.

٣- پانهين جنهن پڌو لنو مان لڪ چڪي ڪري،
گڻي ڪيس اندر ۾ "ڪسو" ۽ ڏڌو.

٤- سياڻن سجاڳن جا ڏسي "نين نرياڻ (٥) سامي
اڻ گهڙيو، نت گهاٽ گهڙي آڪاس ۾.

(١) پريم پٽي پاڙهڻ- عشق جي ذات بخشڻ (٢)
کيپ ڪٽڻ- سوپارو پيڻ (٣) لنءَ لنءَ ڻارڻ- تمام
خوش ڪرڻ (٤) ٽار منجهان ڻارڻ- سخت ڏک کان
ڇڏائڻ (٥) همت جا هٿ ڏيڻ- همتائڻ (٦) لڪ سندرو
چڪي پڌڻ- تيار ٿيڻ (٧) ڪوسو ڏڌو نه گهڻڻ- ڏک
۽ سک جو خيال نه ڪرڻ (٨) "نين نرڻ- دل تمام
خوش ٿيڻ (٩) "اڻ گهڙيا گهاٽ گهڙڻ- بيهود ويچار ڪرڻ.

شبيهون.

١- رهڻ منجهه، جهان، سدا اليپ ڪنول جان.

"ڪنول" يا ڪوئيءَ جو گل تار پاڻيءَ واري ڍنڍ ۾ ٿيندو آهي. ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ ڪيترو به چاڙهه لهندو، به ڪنول گل پاڻيءَ کان "اليپ" (مٿيرو) بيٺل نظر ايندو آهي. خدا شناس انسان دنيا جي ڪيڏي به گسان هوندا، ته به دنيا جي خرابين کان هو اليپ رهندا، جيئن ڪنول گل تار پاڻيءَ ۾ هوندي به پاڻي کان الڳ هي ٿو.

سامي صاحب اها نج ديسي ۽ عمدي تشبيهه ڪم آندي آهي.

٢- ساڌو سنگ ويو، وديا سنسو جيءَ جو،
جيئن رنگيءَ ڪيٽ کي جوڙي پڙنگ ڪئي.

"پڙنگي" جنهن جي گهونگهٽي يا ڳاڙهو چيلاتو ٿيندو آهي، ماڻ گهرن جي پٿين يا ڇتين ۾ مٽي جو گهر ٺاهيندي آهي ۽ "ڪيٽ" (ڪينئون) آڻي ان عجيب گهر ۾ وجهندي آهي. ڪجهه وقت اهو "ڪيٽ" (ڪينئون) گهونگهٽي جي پروش هيٺ رهڻ کان پوءِ طرتي طرح چيلاتو بنجي انهيءَ ننڍڙي گهر مان اڏامي ڪرندو آهي. ساڌوءَ جي سنگت جي اثر ڪري چيلي (مريد) جي اندر مان اوديا (جهالت) جو اجايو خيال نڪري وڃي ٿو ۽ هو به ساڌو بنجي پوي ٿو. انهيءَ تبديلي کي پانگي جي پروش مان ڪيٽ جي حالت تبديل ٿيڻ جي تشبيهه ڏني ويئي آهي، جا نج ديسي ۽

اعليٰ درجي فطرتي تشبيهه آهي.

پنهنجن پوک سنپار، پراڻي پيهي تي چڙهي،
کميا ڪانياڻــــي سان ڪـ ـ ڍي ڪاپت جهار
ڏيئي واڙ ويساهه جــي، تون سارسي پرم نوار
تان ڪڻي بيحد پسـار، اپڻي اکڻ اناج جو.

(ش ١١٦)

”ملوڪ يا جڳت“ (فقيري حالت) کي ”پوک“ ”من يا دل“ کي ”پراڻو پيهو“ ۽ ”نجات يا مڪتي“ کي ”اناج“ مڃيو ويو آهي، اهي ٽيئي عمدا استعار آهن.
”پراڻي پيهي تي چڙهڻ“ جي معنيٰ ڪنايه وح آهي ”من“ کي مطيع ڪرڻ.

”کميا“ (حلم) کي ”ڪانياڻيءَ“ سان ”ڪلپت (اجايا خيال)“ کي ”جهار“ (پوک زيان ڪندڙ پکين) سان ۽ ”ويساهه (يقين)“ کي ”واڙ (لوڙهي)“ سان تشبيهه ڏنل آهي.

## روحل صوفي

هي بزرگ صوفي شاعر ڪلهوڙن جي وقت ۾ گذاريندو هو ۽ ڪجهه وقت سرڪاري ملازم به هو.
سندس اصل وطن ٿرپارڪر ضلع ۾ هو جتان پوءِ لڏي اچي خيرپور رياست ۾ ڪنڊڙي شهر ۾ گذارڻ لڳو.

روحل فقير پارسي ۽ عربي ڪان چڱي طرح واقف هو ۽ هندي ٻوليءَ ۾ چڱي دسترس حاصل ڪئي هئائين.
خيرپور رياست ۾ جوڳي فقيرن سان چڱيون رهائيون

ماڻ سهائي سچ جي چا موافق ڏيندو مير،
جن صحيح سڃاتو پير روخل وات نه ڏن کي.
جن کي عشق اندر ۾ ڏن کي اڄ نه بک،
وحدت منجهه وصال جي ڏا سدا ماڻن سک،
ڏور تنهين ڏون ڏک جي روحل رتا روح ۾.

## دلپت صوفي

دلپتراءِ هڪ حيدرآباد جو مشهور صوفي ٿي گذريو هي. سندس اصل وطن سيوهڻ هو ۽ پوءِ ساڻکي ساڻ ٻرن جي حڪومت ۾ حيدرآباد ۾ پنهنجي گروءَ ڀائي سوداس وٽ اچي رهيو. درگاه جهوڪ شريف جو خاص معتقد هو، تنهن کري سال بسال اتي ڪيترا مهينا جي گذاريندو هو. پارسي ۽ سنسڪرت ٻولين ماں چڱي طرح واقف هو. جهوڪ ۾ رهڻ کري شاه عنائي جي ڪلام جو اثر مٿس گهڻو پوڻ لڳو ۽ پاڻ به سنڌي ٻيت چوڻ لڳو. سندس سنڌي ڪلام پروفيسر ڏکر ١٩٣ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. دلپت هندي ۾ ڪيترو ڪلام چيو آهي جو ڇپيو نه آهي. مگر اهو ڪلام حيدرآباد جي مشهور آمرداس واري ٽڪاڻي ۾ محفوظ آهي. دلپت صوفي جو ڪلام سوز وارو ۽ ناصحانه آهي ۽ سندس عبارت پختي ۽ عام فهم آهي.

١ — ڏيئي وڃ پاڻ ۾ ڇڏي پنهنجو پاڻ،
ڏيئي آديسي الک جو اندر ۾ اهڃاڻ،

ڪيو ھئائين جنھن ڪري ھندي ۽ ڪيترائي ڏوھيڙا ڇپيا اٿس جي ھڪڙي پستڪ جي صورت ۾ آھن. ھن جي ٻاڱن کي جدا جدا نالا ڏنل آھن: مثلاً من پڙلود۔ پريم گيان ۽ انيوه. اھي ھندي دھرا ڪٿي گڏ ٿيا ۽ ڪنھن گڏ ڪيا تنھنجي لاءِ ڪيتريون ئي مشڪوڪ ڏند ڪٿائون ٻڌجن ٿيون ۽ انھن ھندي دھرن ۾ ڪھڙا ۽ ڪيترا دھرا خاص روحل جا آھن اھا ڳالھ به اڃا تحقيقت طلب آھي.

## روحل فقير جي دوھي جو ھڪ مثال

جنم جنم ڪا دکھ مٽا ار جنم جنم ڪو پاپ،
سب تن پلون ھو رھيا جب درسو آنر پاپ،

روحل سرائڪي ۾ گھڻو شعر چيو آھي ۽ سندس سي حرفي مان ھڪ حرف ”ث“ جو مثال ڏجي ٿو.

”ث“ ثابت ڪرانتر جاسي جي تون عاشق ٿيوين،
شوق شراب رندان دي مجلس چلپل ديوچ پيوين.

سنڌي ۾ فقير صاحب چڱو پختو ڪلام چيو آھي جو تمام مقبول آھي. سندس شعر ”وحدت نامہ“ تصوف جي نڪتن سان مالا مال آھي. روحل جي ڪيترن بيتن مان شاھ وارو وس حاصل ٿئي ٿو.

## وحدت مان ڪي بيت

پڙھــن پڙجھڻ پاڻ ۾ وڏ فرق ٿير،
ڪاڏي سنھن محبوب جو ڪاڏي اڪر اير،

چڙهه نيزي نينهن جي تان ويجهو ٿيئي ول
"دلپت" عشق اصل، ملي سودي سر جي.

٥- نڪو محبت جهڙو ماڙو نڪو سڪ جهڙو سور
ساڙي وڌو ساهه ڪي پل پل پرين پور
چيري ڇڇري چت ڪي چشمن ڪيو چور
دوست سنهنجي دل کون شال نه ٿئي دور
"دلپت" هنئين حضور، شال سدا هو وي سپرين

٦- اٿيئي نازڪ ناٿو نينهن جو ادب ۾ ٿي آءُ
محبت جي ميدان ۾ پير پختو پاءِ
اتي ناهي مڏڙين جي ڪاهي جنبڻ جاءِ
عشق آتش سچ ۾ اپو پاڻ پچاءِ
تان رچي ايندين ريهه سان بره باهه منجهانءِ
مرڻ آهي مٺو مرڻ سر اداءِ
سڪ نه آهي سٺري جان لائيءِ تان نباهه
ثابت سر سنباهه، "دلپت" اڳيون دوست جي.

٧- جي اٿئي سڪ پرينءَ جي تان ڏي سنباهي سر
سڪڻ ۾ سورن جو ڪنج سان سر
ڪس ڪپاتي ڪلال جي ڪئي ڪاريهر جان ڪر
ڏي سر سٽ ۾ گهايل گهار ۾ گهر
"دلپت" پڪيءَ پر، پئي ڪنده پيڙ جي.

٨- جي اٿئي سڪ سري جي تان طبع ڇڏ تمام
ويراڳي وساءِ و بد ۾ ڪر ڪيني کي قتلام
ڪوري ڪڍ قلوب مون خيال خارج خام
پيءُ هٿون حبيبن جي ذوق سنجهون پر جام

چاڪي رولين روهن ۾ نانگا نائن ڪانڌ
پري ڀولڻ پرينءَ کي اهو چئن منڊو چاڻ
آهي سائين توني سان "دلپت" دائم دل ۾.

٢- جن ترڪ ڪيو طمع کي سامي سيٺي
جڏي هليا نعمتون تيتي ڪيئي
ويراڳين وجود سون واشنا وئي
تن ڀاڻ ٻچي ڀانهنجو راڻول دل ويهي
ڳهڙي ويا ڳهٽ ۾ جنا جي ڏيئي
"دلچسپ" ڏنائون الک کي ٻاڻ ۾ پيهي
سي نانگا سڀ نيهي، نات نوازيا نيهن سان.

٣- اوڍي لباس لڱن تي ڪيئه زالن جهڙو زيب
مايا ميڙي مهنت ٿئين ڪري فند فريب
چل ڪيو تر موڳا موهين رانول ڪري ريب
مايا ڪارڻ ڀاڻ بچايئه عالم ڏيئي آسيب
ڪڍ ڪاپڙي قليب مان ڪوڙا خلم خريب
وني وات ڳروءِ کون ٿيءَ ڳڱن ۾ غيب
تان علتو ۽ عيب، آديسي وڃن اندر جا

٤- جي اٿئي ڀياس پرينءَ جي تان سرسنباهي هل
پئي محبت سچ ۾ جانب لئي تون جل
سڪ سوز پرين جو سڏڙين ڪي نه مل
جئن جئن واچين ورق تون تئن تئن پوي ول
وڃي ڪين ولهي ايهو هاسيءَ جهڙو هل
پته لکي پڙهين جي پوري هڏ نه پل
هوت اٿيئي هنيج ۾ ناحق روهه نه دل

ڪاٽي وٺي ورهه جي وڍ دوئي سندو دام
تـــان معلوم ٿئي ســـڻ ۾ محبوبائـــي مام
"دلپت" لهڻي ملام، چمڻ مرڻ جيءَ جي.

۹- اندر جهڙو زور وهـــي ٻـــاهر مينگهه ملهار
"دلپت" پاڄهون دوست جي اچي ڪيڻ قرار
جنهن وٽ ناهي يار، سيڪيڻ اڏڪا نٿين آکيون
اڪن ڪعبو مڪ مسيت من مســلان ايمان
مٿو مڪو حاجي هنيو قاضـــي قلب قـــرآن
ٿئي نبي نـــڪ قبر ذاڪر آهـــي زبـــان
هت حضرت پـــانهُ پيغمبر است انگ عمان
سچ سنت دي نفس نصيحت غيرون چا ڏگمان
رضا رياضت رنجنہ ڪسنون ڪل صحيح شهہ مان،
اندر ٻاهر ايڪو ظاهر صاحب ايـــڪ سبحان
حق جـــان جهان، جانا دلپت صحيح سڃان.

هيٺين بزرگن جو سنڌي ڪلام بالڪل ٿورو آهي اها ڳالهہ بہ شڪي آهي تہ جيڪو ڪلام سندن نالن سان منسوب ٿيل آهي سو حقيقت ۾ سندن ڪلام آهي يا ٻين بزرگن جو.

(۱) شاه عنايت صوفي جهوڪ وارو م- ۱٦٥٦ ع
(۲) عثمان احسان ياڳ ناڙي وارو جو پوءِ اچي
(۳) شاه عنايت رضوي شاه عبداللطيف ڀٽائي جو همعصر سندس ڪلام شاه صاحب جي ڪلام سان غلط ملط ٿي ويو آهي ؛ خبر نہ ٿي پوي تہ ڀٽائي جو ڪلام ڪهڙو ؛ عنايت جو ڪهڙو سندس حياتي جو مفصل

ذڪر به ڪتاب دستياب نه ٿيو آهي. سندس سنبر نصرپور ضلع حيدرآباد ۾ آهي جتي ڪيترائي ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن.

(۴) خواجه محمد زمان ۱۷۱۳ع ۾ سندن ولادت ٿي. صديقي خاندان مان سندن بزرگ ٺٽي ۾ رهندا هئا جتان لڏي لنواريءَ ۾ اچي ماڪن ٿيا. شاه ڀٽائي سندن زيارت لاءِ لنواريءَ ۾ ويا هئا ۽ اتي سندن عظمت جو اعتراف ڪيو هئائون. سندن سنڌي ڪلام بلڪل ٿورو آهي، جنهن جي عبارت ۽ مضمون شاه جي ڪلام جهڙو آهي. سندن سنڌي ڪلام ۸۵ بيتن ۾ محدود ٿيل آهي. سندن وفات ۱۷۷۴ع ۾.

## متفرق تصنيفات

(۱) ڪتاب شمائل نبوي.

مولوي عبدالسلام جو لکيل آهي. عربيءَ مان سنڌي ۾ ترجمو ٿيل آهي. تصنيف جو سال ۱۱۹۷ هجري آهي. ڪتاب ۾ حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي صورت ۽ سيرت جو تفصيل وارو احوال ڏنل آهي. ڪتاب وڏي تختيءَ تي ليٿو ۾ ۲۹۶ صفحن ۾ لکيل آهي. سڄو ڪتاب ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ "آ" قافيه واري شعر ۾ آهي. سندس ٻولي لاڙي آهي ۽ صورت خطي به انهيءَ جهوني زماني جي آهي.

(۲) تفسير هاشمي پاره عم.

هي قرآن شريف جو تفسير مخدوم محمد هاشم
وي جو آهي جو ابوالحسن واري شعر ۾ لکيل آهي
ڪتاب جا صفحا ٥٠٣ آهن.
(٣) تفسير سوره يوسف.
هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي. مخدوم
عبدالله اهو ساڳيوئي آهي جو ڪنزالعبرت، ڪنزالمنير
در المنير. وغيره سنڌي منظوم ڪتابن جو مصنف آهي.
هي تفسير اڃان دستخط صورت ۾ آهي ۽ ميان ابوالحسن
جي شعر ۾ آهي.
(٤) تفسير پاره عم:-
مولوي مهرو ولد سرهيو ولد موٽيو ويٺل پراڻي نالي
عالم سڳورو هي ڪتاب ١٢٠٦ هجري مطابق ١٧٩١ع
تيار ڪيو مولوي مهرو صاحب بابت وڌيڪ احوال
ي نٿو سگهي، پر ايتري پڪ آهي ته هو لاڙ جو ويٺل
نٽي جي ڪنهن عالم وٽ پڙهيو هو، ڇاڪاڻ جو
سير ۾ سنڌس بولي اها آهي جا مخدوم محمد هاشم
۽ ٺٽي جي ٻين عالمن کم آندي آهي. قرآن شريف جي
سمجهاڻي مولوي ابوالحسن جي سنڌي شعر ۾ بلڪل
وضاحت سان ڏني اٿس. ڪتاب جا صفحا ٥٧٤ آهن ۽
ليٿو ۾ ڇپيل آهي.
(٥) حصص الاموال وبخل الاموال.
مولوي علي اڪبر صاحب سنڌي نظم حصص الاموال
و بخل الاموال نالي ڪتاب هجري ١١٦٢ مطابق ١٧٩٨ع
۾ ناهيو آهي. مولوي صاحب ڪٿي جو ويٺل هو، سا

خبر پئجي نٿي سگهي. ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ "زڪوات" جا شرط ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. جدا جدا قسم جي ملڪيت تي ڪهڙي حساب سان ڇگڻي طرح سمجهايل آهي ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ "فطره" جا شرط ۽ سمجهاڻيون آهن بخل الاموال واري ڀاڱي ۾ "زڪوات" ۽ ٻين "خيرات نه ڏيڻ جي باب ۾ جيڪي قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثون آهن، سي ڏيئي هدايت ڪري ٿو ته بخل يا ڪنجوسائي بلڪل نه ڪرڻ گهرجي هن ڪتاب ۾ ڪل چوهٺ صفحا آهن، ۽ ڪتاب ابوالحسن جي سنڌي ۾ ڇپيل آهي. سندس ڏوهيڙا باقئيه آهن.

(٦) روضه الشهداء سنڌي.

مولوي احمد مرحوم پارسي روضه الشهدء ڏان، جو پارسي نثر ۾ ملان حسين ڪاشفيءَ جو ٺاهيل آهي، سنڌي ڏوهيڙن ۾ ترجمو ڪيو آهي، هجري سنه ١١٧٢ مطابق سنه ١٧٩٨ع ۾ هي ڪتاب ابوالحسن جي سنڌي ۾ ۽ سادن ڏوهيڙن ۾ ٺاهيل آهي ڪتاب ۾ ڪل چهه سئو ڏيتاليهه صفحا آهن هن ڪتاب ۾ امام حسن ۽ حضرت امام حسين سڳورن جي مبارڪ زندگي جو احوال ۽ سندن مفصل ذڪر لکيل.

(٧) ڪتاب هدايت المريدين.

مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو پوٽو ۽ مخدوم عبداللطيف جو فرزند هو. مخدوم جو پوٽو ۽ مخدوم عبداللطيف جو فرزند هو. مخدوم محمد ابراهيم صاحب هجري سنه ١٢٠٦ مطابق ١٧٩١ع